روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 18 جنوري 2023ع بمطابق 25 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 236

عمران خان پنجاب جو وڏو وزير بڻايو، سنڌس احسان ڪيئن وساري سگهان ٿو: پرويز الاهي

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته عمران خان اسان جو اڳواڻ آهي، هن مون کي پنجاب جو وڏو وزير بنايو، مان سنڌس احسان نٿو وساري سگهان

اسيمبليون ٽوڙڻ کان پوءِ چونڊون ٿينديون، انهن کي جلد چونڊون ڪرائڻيون پونديون، اسان لاهور کي 20 ارب کان وڌيڪ جو پيڪيج ڏنو آهي

ڪالهه اسان 15 ارب روپين جي ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪيو آهي، ان کان اڳ اسان لاهور کي اپ گريڊ ڪرڻ جو وڏو منصوبو ڏنو آهي

شريف لاهور جا مالڪ بڻجي ڦرندا آهن پر هي ترقياتي ڪمن لاءِ آيل پئسا لڳائڻ بجاءِ پاڻ کائي ويندا آهن: پنجاب جو وڏو وزير

هتي شريفن ۽ راڻا ثناءُالله جهڙن بيوقوفن صرف ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن ان سان ڪوبه فرق نه پوندو: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ملڪ ڊيفالٽ طرف وڃي رهيو آهي. ملڪ کي بچائڻ لاءِ تڪڙيون چونڊون ڪرايون وڃن، عمران خان مون کي پنجاب جو وڏو وزير بنايو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته عمران خان مون کي پنجاب جو وڏو وزير بڻايو مان سنڌس احسان ڪيئن وساري سگهان ٿو لاهور ۾ داتا دربار جي ڀاهران پارڪنگ پلازه جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چوڌري پرويز الاهي چيو ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته عمران خان اسان جو اڳواڻ آهي. هن مون کي پنجاب جو وڏو وزير بنايو مان سنڌس احسان نٿو وساري سگهان، اسيمبليون ٽوڙڻ کان پوءِ چونڊون ٿينديون، اتحادي حڪومت جو نالو ڪٽڻ کان سواءِ هن چيو ته انهن کي جلد چونڊون ڪرائڻيون پونديون. پرويز الاهي چيو ته اسان لاهور کي 20 ارب کان وڌيڪ جو پيڪيج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پنجاب جو وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

چائينا ۾ ڇهن ڏهاڪن بعد پهريون ڀيرو چين جي آبادي تيزي سان گهٽجڻ لڳي

بيجنگ (م ڊ) چين ۾ هڪ ٻارهڪ خاندان واري پاليسي جي خاتمي باوجود ڇهن ڏهاڪن ۾ پهريون ڀيرو آبادي ۾ گهٽتائي آئي آهي، چيني شماريات کاتي موجب 2022ع ۾ چين جي آبادي ۾ 1961 بعد پهريون ڀيرو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي، گذريل سال چين جي آبادي اٺ لک پنجاهه هزار ماڻهو گهٽجڻ سان 1.41 ارب / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف ڀارتي هم منصب نريندر مودي کي سنجيده ڳالهين جي آڇ ڪري ڇڏي

گڏيل عرب رياستن جو دورو سڀ کان ڪامياب دورو ثابت ٿيو، سعودي عرب ۽ يو اي اي سان تاريخي لاڳاپا آهن: وزيراعظم شهباز شريف

يو اي اي پاڪستانين لاءِ ٻئي وطن جهڙو آهي ۽ گڏيل عرب رياستن جي صدر شيخ محمد بين زايد ال نهيان پاڪستان جو سڀ کان وڏو خيرخواهه آهي

هو پاڪستان جي مدد ۾ سدائين اڳڀرو رهيو آهي، پاڪستان ۽ نارورن ملڪن جا مفاد هڪجهڙا آهن ۽ اسان جا لاڳاپا تحفن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا

اسان تحفن کان وڌيڪ مضبوط سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي يقين رکون ٿا، اسان جو مقصد سيڙپڪاري ۽ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي

اسان اعتماد جوڳن دوستن ڏانهن مدد لاءِ هٿ وڌائڻ جا خواهشمند آهيون، دوست ملڪ وقت سر مدد نه ڪن ها ته صورتحال کي منهن ڏيڻ ناممڪن هجي ها

نارورن ملڪن جي مدد سان مُلڪ جا مسئلا گهٽيا آهن پر اسان امداد سيڙپڪاري جي صورت ۾ چاهيون ٿا، وزيراعظم نريندي مودي کي سنجيدا ۽ هاڪاري ڳالهين جي دعوت ڏيان ٿو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ڀارتي هم منصب نريندر موديءَ کي سنجيدا ۽ هاڪاري ڳالهين جي دعوت ڏئي ڇڏي. پرڏيهي خبررو اداري کي انٽرويو ڏيندي وزيراعظم چيو ته گڏيل عرب رياستن جو دورو سڀ کان ڪامياب دورو ثابت ٿيو سعودي عرب ۽ يو اي اي سان تاريخي لاڳاپا آهن. يو اي اي پاڪستانين لاءِ ٻئي وطن جهڙو آهي ۽ گڏيل عرب رياستن جي صدر شيخ محمد بين زايد ال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

2035 تائين اليڪٽرڪ گاڏين تي پابندي ۽ لاءِ قانون جوڙڻ جو اعلان

تيل ۽ گيس جي شعبي سان بي شمار ماڻهن جو روزگار ڳنڍيل آهي: اختيارين جا ذريعا

بجليءَ وارين بيٽرين ۾ استعمال ٿيندڙ اهم اوزار سولائي سان ٻيهر استعمال يا ختم نٿا ڪري سگهجن

ڪراچي (م ڊ) آمريڪي رياست وائيومنگ پنهنجي تيل ۽ گيس جي انڊسٽري کي برقرار رکڻ لاءِ نئين بجلي تي گاڏين جي وڪري تي 2035 تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چيف جسٽس، لطيف آفريدي جي قتل کي وڏو نقصان قرار ڏئي ڇڏيو

ڇا لطيف آفريدي جو واسطو ڪوهاٽ سان هو؟ چيف جسٽس وڪيل افتخار گيلاني کان پڇائو

لطيف آفريدي جو واسطو فرنٽيئر ريجن سان هو، ڪيس بار روم ۾ قتل ڪيو ويو: وڪيل

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال سينيئر وڪيل لطيف آفريدي جي قتل کي وڏو نقصان قرار ڏئي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ۾ هڪ ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس چيو ته لطيف آفريدي جي شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام نفرت جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو: بلاول

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام ڪارڪردگي کي ووٽ ڏنو آهي، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام نفرت جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو

پ پ هڪ ڀيرو ٻيهر عوامي مقبوليت ثابت ڪري ڇڏي، چونڊيل جيالا نمائندا عوامي مسئلن جي حل ۾ بهترين ڪردار ادا ڪندا

عوام جي زبردست اعتماد تي ٿورائتو آهيان: مقامي چونڊن جا نتيجا سامهون اچڻ کانپوءِ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان

ڪراچي (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام نفرت جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو. مقامي چونڊن جا نتيجا سامهون اچڻ کانپوءِ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام ڪارڪردگي کي ووٽ ڏنو آهي. هن چيو ته عوام جي زبردست اعتماد تي ٿورائتو آهيان. پ پ هڪ ڀيرو ٻيهر عوامي مقبوليت ثابت ڪري ڇڏي، چونڊيل جيالا نمائندا عوامي مسئلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حافظ نعيم کي فون ڪري ٻڌايو هو ته چونڊ نتيجا اسان کي به نه پيا ملن: مراد علي شاهه

ميئر جو اميدوار اسان جو حق آهي، پر ان سلسلي ۾ ٻين سياسي پارٽين سان به ڳالهيون ڪيون وينديون

2018 جي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ايم اين ايز ته شام جو گهر وڃي سمهي رهيا هئا، انهن کي صبح جو خبر پئي ته کٽي ويا آهيون

ڪوشش آهي ته جماعت اسلامي سان ملي ڪم ڪريون ان سلسلي ۾ هنن سان رابطي ۾ آهيون

ڪراچي/سيوهڻ/دادو/ ٽنڊو محمد خان (نمائندن وٽان) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ميئر جو اميدوار اسان جو حق آهي. پر ان سلسلي ۾ ٻين سياسي پارٽين سان به ڳالهيون ڪيون وينديون. جماعت اسلامي سان به رابطا ڪيا پيا وڃن. ڪراچي ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ مقامي چونڊن بابت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته اسان چونڊن کان پڇي نه رهيا هئاسين اسان ته هر وقت اهوئي چوندا هئاسين ته چونڊون ڪرائڻ گهرجن. مقامي چونڊن سان اهو ثابت ٿيو ته پي ٽي آءِ کي سموري سنڌ رد ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف تي تنقيد ڪندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پي ٽي آءِ سال 2018 ۾ زندگي جي هڪ ئي چونڊ وڙهي. 2018 جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پ پ سميت سڀني سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي پر؟ جماعت اسلامي شرط رکي ڇڏيو

ڪراچي ۾ پ پ سميت سڀني سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي پر ميئر جماعت اسلامي جو هوندو: سراج الحق

لاهور ۾ جماعت اسلامي جو اجلاس ٿيو، جنهن سراج الحق، حافظ نعيم وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي

ڪراچي جي وڌيڪ 9 ڪٽيل سيٽن جو مڪمل نتيجو جماعت اسلامي وٽ آهي: اجلاس ۾ بيان

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي فيصلو ڪيو آهي ته ڪراچي ۾ پ پ سميت سڀني سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي پر ميئر جماعت اسلامي جو هوندو. لاهور ۾ جماعت اسلامي جو اجلاس ٿيو، جنهن سراج الحق، حافظ نعيم وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ مقامي چونڊن ۽ ان جي نتيجن تي بحث ڪيو ويو، ذريعن موجب اجلاس ۾ چيو ويو ته ڪراچي جي وڌيڪ 9 ڪٽيل سيٽن جو مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومتي عهديدارن تي ڪرپشن جا الزام، ويٽنام جي صدر عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

صدر زوان فوڪ 2016 کان 2021 تائين پنهنجي وزارت اعظميٰ دوران سينيئر وزيرن جي ڪرپشن جو ذميوار آهي: ڪميونسٽ پارٽي

ٻن نائب وزيراعظمن کي هلندڙ مهيني ئي ڪرپشن خاتمي جي مهم دوران برطرف ڪيو ويو هو، مهم ۾ ڪيئي اهم شخصيتن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

گهڻي قدر ڪرپشن جا الزام ڪورونا کان بچاءَ لاءِ ڪنيل حڪومتي قدمن تي آهن، صدر فوڪ اڳواڻ طور ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي

ويٽنام (م ڊ) ويٽنام جي صدر زوان فوڪ ڪرپشن جي خاتمي جي مهم دوران عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب ڪميونسٽ پارٽي جو چوڻ آهي ته صدر زوان فوڪ 2016 کان 2021 تائين پنهنجي وزارت اعظميٰ دوران سينيئر وزيرن جي ڪرپشن جو ذميوار آهي. ٻن نائب وزيراعظمن کي هلندڙ مهيني ئي ڪرپشن خاتمي جي مهم دوران برطرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وفاقي وزير ۽ پ پ اڳواڻ شازيا عطا مري پريس ڪانفرنس ڪندي

عام موڪل آچر تي اڇڻ تي سومر کي موڪل قرار ڏيڻ جي درخواست تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب اڳوڻي وفاقي وزير جي سالڪ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

25 ڊسمبر جي عام موڪل آچر تي اچي وڃي ته سومر کي موڪل جو ڏينهن قرار ڏنو وڃي، چو ته سڄي دنيا ۾ پريڪٽس آهي: وڪيل

آچر تي پبلڪ هالي ڊي هجي ته ان کي لانگ ويڪ اينڊ طور ملهايو ويندو آهي، ائين ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ ته ناهي؟: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪرسمس ۽ قائداعظم ڊي آچر تي اچڻ تي سومر جي موڪل نه ڏيڻ خلاف داخل درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان جي حڪومت دوران وزيراعظم آفيس جي خرچن جا تفصيل سينيٽ ۾ پيش

ٻوڏ دوران مليل فنڊز جا تفصيل ڪٿي آهن، اسان سوال پڇو هو ته اهي فنڊ ڪيترا ۽ ڪٿي استعمال ڪيا ويا: سينيٽر شهزادو وسيم

مصر جي ڪانفرنس ۾ اوهان لشڪر وٺي ويا هو، انهن جا به تفصيل جمع ڪرائڻا هئا، جيڪي عالمي ڪانفرنس کان پئسا ورتا ويا

اهي ڪٿي خرچ ڪيا ويا، غير لاڳاپيل سوال پڇيو پيو وڃي، لکت ۾ سوال جمع ڪرايو وڃي ان کان پوءِ ئي سمورا تفصيل پيش ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) 2019 کان 2021 دوران وزيراعظم آفيس جي خرچن جي حوالي سان سينيٽ ۾ تفصيل پيش ڪيا ويا آهن سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جي سربراهي ۾ سينيٽ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سوالن جي وقفي دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

راڻا ثناءُالله پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري عدالتي حڪم سان جوڙي ڇڏي

پنجاب جي عوام کي مبارڪ هجي ته سڀ کان وڏي ڦورو، فرح گوگي راڄ جو خاتمو ٿيو: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله

عدالتون گرفتاري جو حڪم ڏين ته گرفتاري ٿيندي، اسان عمران خان کي اڳ ئي چيو هو اليڪشن ۾ اچو

اسان ڀرپور انداز ۾ چونڊ وڙهنداسين، چونڊ مهم شروع ٿيندي ته سڀني کي خبر پوندي ن ليگ جو ووٽر متحرڪ آهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري عدالتي حڪم سان جوڙي ڇڏي، خانگي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي راڻا ثناءُالله چيو ته پنجاب جي عوام کي مبارڪ هجي ته سڀ کان وڏي ڦورو، فرح گوگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ثاقب نثار ۽ قمر جاويد باجوا ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو: ڪيپٽن (ر) صفدر

قوم مهانگائي ۾ مري رهي آهي ۽ اڳوڻي آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوا دبئي ۾ مهانگي شاپنگ جا مزا ماڻي رهيو آهي

مان آئين جي جنگ وڙهي رهيو آهيان، آئين مون کي حق ڏنا آهن، مون تي ڪيس جي پويان باٿرن جا هٿ هئا: ن ليگ اڳواڻ

قوم مهانگائي ۾ مري رهي آهي ۽ اڳوڻو آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوا دبئي ۾ مهانگي شاپنگ جا مزا ماڻي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر چيو آهي ته قوم مهانگائي ۾ مري رهي آهي ۽ اڳوڻي آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوا دبئي ۾ مهانگي شاپنگ جا مزا ماڻي رهيو آهي. لاهور جي مقامي عدالت ۾ چڙ ڏيارڻ تقرير جي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسٽاڪ مارڪيٽ ڪريش، سيڙپڪارن جا اربين روپيا ٻڏي ويا

ملڪ ۾ سياسي افراتفري ۽ معاشي عدم استحڪام سبب اسٽاڪ مارڪيٽ ڪريش ڪري وئي

سيڙپڪاران جا اربين روپيا ٻڏي ويا آهن، 100 انڊيڪس 39 هزار جي نفسياتي حد به ٽوڙي ڇڏي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملڪ ۾ سياسي افراتفري ۽ معاشي عدم استحڪام سبب اسٽاڪ مارڪيٽ ڪريش ڪري وئي، سيڙپڪاران جا اربين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جماعت اسلامي جو اڄ سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان

ڪراچي جو ميئر جماعت اسلامي جو هوندو، هن 10 تڪن ۾ ٻيهر ڳڻپ لاءِ عدالت وڃڻ جو به اعلان ڪيو

جماعت اسلامي جو اهم اجلاس اڄ منصوره ۾ سڏايو ويو آهي: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم الرحمان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ بلدياتي چونڊن جي نتيجن خلاف جماعت اسلامي اڄ سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان ڪيو آهي. جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: ن ليگ اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

لالا لطيف آفريدي جو مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي

پشاور (م ڊ) سينيئر وڪيل 80 سالن جي لالا لطيف آفريدي جي جنازي نماز حيات آباد جي باغ ناران ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي کان اڳ پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس قيصر رشيد سميت سياستدان، وڪيلن ۽ ٻين معززين جي وڏي انگ جنازي ۾ شرڪت ڪئي، جنازي نماز ۾ پشاور جو ميئر زبير علي ۽ قانون وارو وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ به موجود هئا. ڪيس هزارين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو 1943 ۾ جنم وٺندڙ لالا عبداللطيف آفريدي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سينيٽر سسئي پليجو جي محقق، اديب گل حسن ڪلمتي جي نجي اسپتال پهچي عيادت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سينيٽر سسئي پليجو جي محقق، تاريخ نويس ۽ اديب گل حسن ڪلمتي جي نجي اسپتال پهچي عيادت ڪئي . ان موقعي تي سسئي پليجو گل حسن ڪلمتي جي صحت بابت ڄاڻ ورتي ۽ چيو ته سنڌس همت ۽ حوصلي ساراهيو جوڳو آهي. سسئي پليجو چوڻ هو ته سنڌ جي هن ڳاني. جرئت مند ۽ با صلاحت تاريخ نويس جي جيتري تعريف ڪيون گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪندي

ايڪسپورٽ انڊسٽري پاڪستان جي پهرين ترجيح آهي: ناڻي واري وزير

ايڪسپورٽ انڊسٽري کي خام مال درآمد ڪرڻ لاءِ مڪمل سهولتون ڏنيون وينديون

خام مال، پارٽس ۽ لوازمات جي درآمد ۾ برآمداتي شعبي کي هر ممڪن مدد ڏني ويندي

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جو چوڻ آهي ته ايڪسپورٽ انڊسٽري پاڪستان جي پهرين ترجيح آهي، اسحاق ڊار چيو ته ايڪسپورٽ انڊسٽري کي خام مال درآمد ڪرڻ لاءِ مڪمل سهولتون ڏنيون وينديون، هن وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

برسات ۽ ٻوڏ بعد سنڌ ۾ غربت، سنڌين کي بک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي: مقبول احمد هاليپوٽو

سنڌ جو نوجوان مرد ۽ عورتون پنهنجي فني ۽ علمي قابليت جي بنياد تي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ڏانهن نڪري اچن. سانا ڪين ڪينيڊا، آمريڪا ۾ ڀرپور مدد ڪندي

ٻوڏ ۽ برسات سبب زراعت، شهرن، ڳوٺن، رستن گهرن ۽ متاثر هزارين ماڻهن جي بحالي لاءِ سنڌ ۽ وفاقي حڪومت جي قدمن مان سانا ۽ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ۽ ٻيا ماڻهو مطمئن نه آهن

سانا ۽ سنڌ هڪ ٻي سان ڳنڍيل آهن. سانا سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي صلاح ڏئي ٿي ته هو آمريڪا سميت هر ملڪ ۾ اسڪالر پروگرامن ۾ شامل ٿين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي صدر مقبول احمد هاليپوٽو چيو آهي ته برسات ۽ ٻوڏ بعد سنڌ ۾ وڌندڙ غربت، بي روزگاري ۽ آمريڪا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهيل سنڌين کي بک ۾ مبتلا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سراج الحق جي سڏ تي ڪراچي جي مقامي چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرا

پ پ سنڌ کي پينگ، ڪٽڪ ۽ متاثرين جي امداد کائڻ بعد ڪراچي ۾ عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو آهي جنهن کي هرگز برداشت ڪونه ڪنداسين: جماعت اسلامي جا اڳواڻ

15 سالن کان سنڌ تي راڄ ڪندڙ پ پ سنڌ کي پينگ، ڪٽڪ ۽ متاثرين جي امداد کائڻ بعد ڪراچي ۾ عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو آهي جنهن کي هرگز برداشت ڪونه ڪنداسين

پ پ عوامي مينڊيٽ کي تسليم ڪري ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڌمال مست قلندر ٿيندي، حافظ نصرالله چنا، ڪاشف شيخ، حزب الله جکرو، علي مردان شاهه ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق جي اپيل تي ڪراچي جي مقامي چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ نتيجن ۾ ردوبدل خلاف اڄ جماعت اسلامي طرفان ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ قائم نگران ڪميٽيز جي سربراهيءَ تان ججز کي هٽايو ويو

نگران ڪميٽين خلاف سنڌ سرڪار جي درخواستن تي تفصيلي فيصلو جاري ڪيو ويو

عدالت پاران ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ جوڙيل ڪميٽين ۾ عورتن کي به شامل ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو

سپريم ڪورٽ شهري ڪميٽين کي رليف آپريشنز ۾ هدايتون ڏيڻ ۽ انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (رپورٽر) سپريم ڪورٽ سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ قائم ڪيل نگران ڪميٽيز جي سربراهيءَ تان ججز کي هٽائي ڇڏيو آهي، نگران ڪميٽين خلاف سنڌ سرڪار جي درخواستن تي تفصيلي فيصلو جاري ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

گيس جون قيمتون نه وڌائڻ سان قومي ناڻي تي بار پئجي رهيو آهي: مصدق ملڪ

ملڪ ۾ گڏيل طور تي 3200 ملين ڪيوبڪ فٽ تي روزاني گيس جي کوٽ پيدا ٿيندي آهي

700 ايم ايم سي ايف ڊي بجلي جي ڪارخانن ڏانهن ويندي آهي چلها ٻارڻ لاءِ 1700 ايم ايم سي ايف ڊي گيس گهرجي

اوگرا اسان کي گيس مهانگي ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي پر مهانگائي سبب گيس جون قيمتون نه وڌايون

اسلام آباد (م ڊ) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته گيس جون قيمتون نه وڌائڻ سان قومي ناڻي تي بار پئجي رهيو آهي. سينيٽ اجلاس دوران سوالن واري وقفي تي مملڪتي وزير مصدق ملڪ ٻڌايو ته گيس جي رائلٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ دوست اڳواڻ شهيد فاضل راهو کي وڇڙئي 36 ورهيه وهامي ويا

ڪراچي (م ڊ) سنڌ دوست اڳواڻ، پيڙهيل طبقي ۽ هارين جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ شهيد فاضل راهو جي 36 هين ورسي ملهائي پئي وڃي. ميڊيا رپورٽن موجب گولاڙچي ۾ اليڪشن سبب شهيد فاضل راهو جي ورسي سادگي سان ملهائي پئي وڃي. شهيد فاضل راهو جي آخري آرامگاهه تي ياسين رکي قرآن خواني ڪري سنڌس بلند درجن ۽ سنڌ سميت ملڪ جي ترقي ترڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ ٿڌ جي لهر گرمي پد سنگل ڊجٽ ۾ رهڻ جو امڪان

شهر قائد ۾ ٿڌ جي شدت برقرار آهي ۽ رات جي وقت به گرمي پد سنگل ڊجٽ ۾ رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي

ڪراچي ۾ اڱاري جي صبح جو گرمي پد 7 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي: موسميات کاتو

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته شهر قائد ۾ ٿڌ جي شدت برقرار آهي ۽ رات جي وقت به گرمي پد سنگل ڊجٽ ۾ رهڻ جي اڳڪٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

مرد ملازمن لاءِ ڏاڙهي لازمي قرار، ڀڃڪڙي تي سخت ڪارروائي ٿيندي

مرد ملازم شريعت موجب ڏاڙهي رکن ۽ باجماعت نماز ادا ڪن: ننگرهار جي تعليم کاتي جو ترجمان

عورت ملازمن لاءِ حجاب لازمي قرار ڏنو ويو آهي، حڪم عملي تي عمل نه ڪرڻ وارن ملازمن کي گهر ويهڻو ڪيو ويندو

ننگرهار (م ڊ) افغانستان جي صوبي ننگرهار ۾ تعليم کاتي جي مرد ملازمن کي ڏاڙهي رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پرڏيهي خبررو اداري موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عبداللطيف آفريدي قتل، جو جوابدار جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

پشاور (م ڊ) پشاور جي عدالت سپريم ڪورٽ بار ايسوسي ايشن جي اڳوڻي صدر عبداللطيف آفريدي جي قتل ۾ ملوث جوابدار عدنان جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو عبداللطيف آفريدي قتل ڪيس جي جوابدار عدنان کي پشاور جي جوڊيشل مئجسٽريٽ بدر تير جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت جوابدار عدنان آفريدي کي 2 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ڪراچي: صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو سان آمريڪي قونصليٽ جو عملو ملاقات ڪندي

دادو ۾ سدا شاعر استاد بخاري جي 93 سالگره جي تقريب، پيٽا پيش

ڪوٺايل سالگره تقريب ۾ سماجي اڳواڻن، شهرين، اديبن ۽ شاعرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

استاد بخاري سنڌ ۽ ادب جي تاريخ جو سهڻو باب آهي جيڪو هميشه پڙهيو ويندو: راجا رفيق پنهور

هي پنهنجي نالي وانگر شاعري ۾ استاد هيو اج سندس ڪافي شاگرد سنڌ جا بهترين شاعر ۽ فنڪار آهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پريس ڪلب جي هال ۾ سنڌ جي سدا بهار قومي عاشق شاعر استاد سيد احمد شاهه بخاري (استاد بخاري) جي 93 سالگره جي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ دادو شهر جي سماجي اڳواڻن، شهرين، اديبن ۽ شاعرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو : سدا شاعر استاد بخاري جي 93 سالگره جي تقريب ٿي گذري

سانگهڙ ۾ مڪاني چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي پاران مظاهرو، ڌرڻو

بلدياتي چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي وار ڪيو ويو آهي: ظهيرالدين بابر جتوئي

ڪراچي جي عوام جماعت اسلامي جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو پر نتيجا نه ڏيڻ لاءِ ملتوي ڪيا ويا آهن

سانگهڙ (رپورٽ: شاهنواز رونجهو) جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي وار ڪيو ويو آهي. ظهيرالدين بابر جتوئي. ڪراچي جي عوام جماعت اسلامي جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو پر اليڪشن ڪميشن ۽ پيپلز پارٽي جي ملي ڀڳت سان نتيجا نه ڏيڻ لاءِ ملتوي ڪيا ويا آهن. مڪاني چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي سانگهڙ جي ڪارڪنن نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران ٻئي ڏينهن به پوليو مهم بابت مختلف هنڌن جا دورا

ڊي سي مختلف علائقن ۾ مهم جو معائنو ڪيو، پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڊپٽي ڪمشنر پريا ۾ مختلف ٽيمن جو رڪارڊ چيڪ ڪيو ۽ ٻارن جي آڱرين جي نشانن ۽ دروازن جي نشانن جو جائزو ورتو

اسپتال جي صفائي ستھرائي سان گڏوگڏ مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار حسين سان گڏجي پوليو خلاف مهم جي ٻئي ڏينهن ضلعي جي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ۽ ضلعي جي مختلف علائقن ۾ جاري انسداد مهم جو معائنو ڪيو تعلقو ڪنڊيارو. هن پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر پاران ٻئي ڏينهن به پوليو مهم بابت مختلف هنڌن جا دورا ڪيا

سجاول ۾ عورتون بينظير انڪم وظيفي جي قسط وٺڻ لاءِ سرد سيءُ ۾ دربدر ٿيڻ لڳيون

قسط جاري ٿيندي ئي ڊوائيس هولڊرن بائيو ميٽرڪ وارن سگنل جو مسئلو ڄاڻائي عورتن کي ڀنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا

ڀهراڙين ۽ شهر کان آيل عورتون صبح کان وٺي شام تائين دڪانن اڳيان معصوم ٻارڙن سان گڏ تذليل جو شڪار

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ رقم جي ڪٽوتي ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي: مستحق عورتون

سجاول (د ر) سجاول ۾ عورتون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ وظيفي جي قسط وٺڻ لاءِ هڪ هفتي کان سرد سيءُ ۾ دربدر ٿيڻ لڳيون. قسط جاري ٿيندي ئي ڊوائيس هولڊرن بائيو ميٽرڪ وارن سگنل جو مسئلو ڄاڻائي عورتن کي ڀنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا. انتظاميه ننڊ ستل. سجاول ۾ مستحق عورتن لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي جي 7000 هزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

صحتمند ۽ متحرڪ قوم ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿي: پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن

غذائي کوٽ بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي، ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سنڌ حڪومت غذائي کوٽ ۾ مبتلا غريب ماڻهن جي صحت کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ايڪشن پلان تحت ضلعي سطح تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو: رضوان ميمڻ

هن منصوبي ۾ صحت، زراعت، سماجي ڀلائي، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي به شامل ڪيو ويو آهي

ٺٽو (جاويد ميمڻ) پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت غذائي کوٽ ۾ مبتلا غريب ماڻهن جي صحت کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ايڪشن پلان تحت ضلعي سطح تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو : پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

پڊعيدن جي صحافي بلال آرائين جي گهر ۾ ڌاڙو، چور سمورو سامان ڀاري ويا

تاج ڪالوني مان صحافي بلال آرائين جي گهر ۾ 7 هٿيار بند گهر ۾ گهڙي 10 لک ڪيش، 5 تولا سون ۽ ٻيو سامان کڻي ويا

جوابدار هٿيارن جي زور تي کٽي گهرڀاتين تي تشدد ڪري فرار ٿي ويا، صحافي جي گهر ۾ ڌاڙي کانپوءِ شهري مايوس ٿي ويا

نوٽيس وٺي صحافي بلال آرائين جو چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ايس ايڇ او پڊعيدن کي هٽايو وڃي: سڄاڻ ڊريون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پڊعيدن اسٽيشن رات دير سان تاج ڪالوني جي صحافي بلال آرائين جي گهر ۾ 7 هٿيار بند گهر ۾ گهڙي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري 10 لک ڪيش، 5 تولا سون 2 موٽرسائيڪلون ۽ ٻيو سامان هٿيارن جي زور تي کٽي گهرڀاتين تي تشدد ڪري فرار صحافي بلال آرائين جي لڳل ڌاڙي کان پوءِ شهري ۽ صحافي مايوس جيڪي حق سچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهه کان جوهاٽي ويندڙ روڊ جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار، منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ تبديل

وڏي عرصي کانپوءِ تعمير ٿيندڙ وارهه کان جوهاٽي ويندڙ روڊ جي ڪم ۾ ناقص مٽريل استعمال ٿيڻ سان گڏ ڪافي عرصي کان ڪم اڌ ۾ بند، مسافر پريشان

ڪافي عرصي کان پوءِ تعمير ٿيندڙ وارهه کان جوهاٽي ويندڙ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار آهي، ڪم ۾ به ناقص مٽيريل استعمال ٿيل آهي: مسافر

معاملي جو نوٽيس وٺي نااهل ٺيڪيدار خلاف ڪاروائي ڪري روڊ جو بند ٿيل ڪم شروع ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه کان جوهاٽي ويندڙ روڊ جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ تبديل وڏي عرصي کانپوءِ تعمير ٿيندڙ وارهه کان جوهاٽي ويندڙ روڊ جي ڪم ۾ ناقص مٽريل استعمال ٿيڻ سان گڏ ڪافي عرصي کان ڪم اڌ ۾ بند ايندڙ ويندڙ مسافر سخت پريشان تعلقه پريس ڪلب وارهه جي ٽيم طرفان روڊ جي وزٽ ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي سرسي حاصل هئڻ باوجود ميئر اٽڻ مختلف چونڊيل نمائندن سان رابطا سازي جوڙ توڙ شروع

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ بلدياتي چونڊ نتيجا پڌرا ٿيڻ بعد پيپلزپارٽي کي واضع سرسي حاصل هئڻ باوجود ميئر اٽڻ مختلف چونڊيل نمائندن سان رابطا سازي جوڙ توڙ شروع ساڳئي ريت جماعت اسلامي طرفان پي ٽي آءِ، ن ليگ ٽي ايل پي سميت آزاد اميدوارن جي حمايت وٺڻ لاءِ ميدان ۾ لٿل رپورٽ موجب ڪراچي جي بلدياتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد اسحاق گاد جو نيشنل پريس ڪلب جو دورو

صدر اشفاق سلهري سندس استقبال ڪيو، ان موقعي تي ڪيس ڪلب پاران گلدستو پيش ڪيو ويو

هن وقت اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي، عوام ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي: ڊپٽي ڪمشنر

فلور ملز انتظاميه ناقص اٽو فراهم ڪري رهي آهي جيڪو اٽو ان وقت ڊي سي سانگهڙ کي پڻ ڏيکاريو ويو

سانگهڙ (رپورٽ: شاهنواز رونجهو) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ محمد اسحاق گاد جو نيشنل پريس ڪلب جو دورو، صدر اشفاق سلهري سندس استقبال ڪيو، ان موقعي تي ڪيس ڪلب پاران گلدستو پيش ڪيو ويو، ان موقعي تي غلام مصطفيٰ ترين، عبدالوحيد، عزيز الرحمان رند، انعام الحق، محمد عمران يوسفزئي، شاهنواز رونجهو، محمد قذافي، ظاهر شاهه ۽ ظفرالله لغاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ غيريقيني واري صورتحال ۾ اليڪشن ڪرايا ويا: فائق شاهه

هاڻي مقامي حڪومتن کي اختيار ڏئي ڪراچي ۽ حيدرآباد جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

ڪراچي جي مسئلن جي ذميوار پيپلزپارٽي، جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آءِ آهن

ڪراچي (رپورٽر) امن ترقي پارٽي جي چيئرمين محمد فائق شاهه چيو آهي ته حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ جهڙي غيريقيني واري صورتحال ۾ بلدياتي اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪي اين شاهه جي 11 واردن مان 9 واردن تي پيپلزپارٽي ڪامياب

بلدياتي چونڊن دوران پاڪستان تحريڪ انصاف ٻن واردن تي ڪاميابي ماڻي ورتي

پيپلزپارٽي پاران ڪاميابي تي ريلين ڪڍي جشن ملهائڻ جو سلسلو جاري

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ ميونسپل ڪاميٽي ڪي اين شاهه جي 11 واردن مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

خيرپور ناٿن شاهه : ڪي اين شاهه جي 11 واردن مان 9 واردن تي پيپلزپارٽي ڪامياب ٿي وئي

ٺٽي ۾ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۽ دي بلڊ هيروز نوجوانن جي مان ۾ آجياڻو

دي بلڊ هيروز جي سالاني تقريب ۾ بيسٽ ايڪٽو ٽيم جي ايوارڊ سان نوازيو ويو

پريس ڪلب جي ميمبرن پاران دي بلڊ هيروز جي اڳواڻن کي اجرڪن جا تحفا پيش

ٺٽو (جاويد ميمڻ) ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو پاران ٺٽو يوٿ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۽ دي بلڊ هيروز ٺٽي جي نوجوانن جي مان ۾ هڪ تقريب ٺٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پرياروڊ واسي نوجوان ناري امڙ سميت ميڊيا سينٽر پهتي

8 مهينا اڳ جڙيل ڳاهو مون کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح مٿان نڪاح ڪيو: ناري

مون سان جنسي زيادتي پڻ ڪئي، مارڪٽ ۽ تشدد ڪيو ويو، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياروڊ واسي نوجوان ناري پروين سولنگي پنهنجي امڙ حاتل سولنگي سان ميڊيا سينٽر پرياسٽي پهچي ٻڌايو ته سال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: متاثرن ۾ وڌندڙ موذي مرضن جي علاج ۽ بچاءُ لاءِ ميڊيڪل ڪئمپ قائم

خطرناڪ بيمارين ۾ مليريا، ڊائريا، گيسٽرو، ڊينگي ۽ اسڪين جي بيمارين جو علاج ڪيو ويو

هن وقت تائين 15 هزار کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي: حاجي حنيف ميمڻ

ٺٽو (جاويد ميمڻ) پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ پاران ٻوڏ ۽ برسات جي متاثرن ۾ وڌندڙ موذي مرضن جي علاج ۽ بچاءُ لاءِ ٺٽي ۾ موبائيل ميڊيڪل ڪيمپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو : متاثرن ۾ وڌندڙ موذي مرضن جي علاج ۽ بچاءُ لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم لڳائي وئي

پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي: رسول بخش جاکرو

جيڪا پارٽي قيادت ۽ تڪ جي عوام اعتماد ذميواري ڏني آهي ها بهتر نڀائيندس

ذميواري کي بهتر طريقي سان نڀائي عوام جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪندا سين

ٺٽو (د ر) يوسي چليا تان ڪامياب ٿيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر آل جاکرا ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين سردار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مورو شهر ۾ غريبن لا سستي اٽو جو اسٽال لڳايو ويو

پورهيتن 65 روپيا ڪلو 650 روپين ۾ 10 ڪلو اٽي جا بيگ خريد ڪيا

راجپوت صحافي استاد علي شير ڏيپر صحافي تيمور احمد راجپوت ۽ ٻيا موجود هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر جي وارڊ نمبر 23 درس شهر ۾ ڏيپر چوڪ وٽ نوان جتوئي روڊ تي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر جي خاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز : غريبن لا سستي اٽي جو اسٽال لڳايو ويو

دڙي ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ دوران پ پ اميدوار ڪامياب، آزاد اميدوار هارائي ويو

ٽائون ڪاميٽي جي وارڊ 2 تي پ پ اميدوار ارباب ذڪريا ميمڻ 288 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو

آزاد اميدوار خان محمد ڪانڌڙو 275 ووٽ کڻي 13 ووٽن تان هارائي ويو، عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان

دڙو (ن سنڌ يار) دڙي ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ دوران پ پ اميدوار ڪامياب، آزاد اميدوار کي شڪست، عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سيٺارجا ۾ اماميه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي گڏجاڻي منعقد

گڏجاڻي ۾ صدر ميثم عباس ملاح نائب صدر فراز علي رند کي چونڊيو ويو

جنرل سيڪريٽري عاصم علي سولنگي ڊپٽي سيڪريٽري اظهر علي ٿهيم مقرر

سيٺارجا (رپورٽ ذوالفقار علي انصاري) اماميه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان سکر ڊويزن يونٽ سيٺارجا گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ هيٺيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سي اي او / ايم ڊي واٽر بورڊ سان چيئرمين واپڊا جي ملاقات

ملاقات دوران ڪي فور منصوبي جي پهرئين مرحلي جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

جاري منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا: چيئرمين واپڊا

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او / ايم ڊي واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين چيئرمين واپڊا ليفٽيننٽ جنرل سجاد غني (رٽائرڊ) سان گريٽر ڪراچي بلڪ واٽر سپلائي اسڪيم (ڪي فور) پروجيڪٽ آفيس ۾ ملاقات ڪري (ڪي فور) منصوبي جي پهرئين مرحلي جي اڳڀرائي جو جائزو ورتندي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ (ڪي فور) منصوبي کي جلد از جلد مڪمل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ سستي اٽي جي اسٽال جو دورو

مهانگائي جي دور ۾ خوراڪ کاتي پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ هڪ سٺو قدم آهي: ڊپٽي ڪمشنر

اٽي جي فراهمي جا وڌيڪ مرڪز قائم ڪيا وڃن ته جيئن عوام کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪري سگهجن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ اڄ سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڪنڊيارو ۾ خوراڪ کاتي پاران قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ سستي اٽي جي اسٽال جو دورو ڪندي

دڙو ۾ حامله عورتن جي علاج ۽ تربيت لاءِ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين علاج ڪيو، غريب عورتن کي ڪٽ، مڇردانيون، بالٽيون ۽ ڊرائون ڊنيون ويون

حامله عورتن جي علاج ڊليوري، پيدا ٿيندڙ ٻارن جي نشونما ۽ پيش ايندڙ طبي خطرن کان آگاهه ڪيو ويو

مفت دوائون ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪِين ڊليوري جون ڪٽ، مڇردانيون، بالٽيون ۽ ٻيو سامان مهيا ڪيو ويو

دڙو (رپورٽ: شرڪت ميمڻ) دڙو ۾ حامله عورتن جي علاج ۽ تربيت لاءِ اپليشن ويلفيئر ٽرسٽ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي، ماهر ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين علاج ڪيو غريب عورتن کي ڪٽ، مڇردانيون، بالٽيون ۽ ڊرائون ڊنيون ويون، دڙو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دڙو : حامله عورتن جي علاج ۽ تربيت لاءِ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

خانپور مهر پرسان زبردستي شادي ڪرڻ جي ارادي سان نينگري کي کڻڻ جي ڪوشش

ڳوٺ ڳاهي خان لانگاهه ۾ جوابدارن پاران مبينا طور 15 ورهين جي نينگري اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

مزاحمت ڪرڻ چئن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي، جوابدار ڌر جو به هڪ ڄڻو ڌڪي ٿي پيو، احتجاج ڪيو ويو

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ڳاهي لانگاهه مان زبردستي شادي ڪرڻ جي ارادي سان نينگري کي کڻڻ جي ڪوشش، مزاحمت ڪرڻ چئن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي، جوابدار ڌر جو به هڪ ڄڻو ڌڪي، زخمي اسپتال پهتا ته ڌرين جو اسپتال اندر به ڀيهر جهيڙو، لٺن ۽ مُڪن جو وسڪارو، پوليس پاران واقعي جي رپورٽ داخل. خبر موجب خانپورمهر ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين: ٺٽين ٽهي جي اردو شاعر پروفيسر سراج هاليپوٽو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ۽ سجاڳي مچ ڪچهري

عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري ضلع صدر رامجي ڪولهي ۽ ٻين جي شرڪت

سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ پورهيت جي گهر ۾ پورهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو: لال جروار

ڏينهن ڏٺي جو هڪ نامعلوم گاڏي چيپائي وئي پر اڄ تائين سنڌ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ ڪارائتي ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي: خطاب

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽهاڻ گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ شهيد ٿيل سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ ۽ ٺٽين ٽهي جي اردو شاعر پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جو ڏيٺي لڳ ڳوٺ رامجي ڪولهي ۾ تعزيتي ميڙاڪو ۽ سنڌ سجاڳي مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي جنهن کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين : ٺٽين ٽهي جي اردو شاعر پروفيسر سراج هاليپوٽو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ۽ سجاڳي مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي

ٽنڊو باگو جي ليڊيز ٽيچر کي هڪ ئي آئوٽ ورڊ نمبر سان 2 الڳ الڳ پوسٽنگ آرڊر

ٽيچر ماروي زال محمد سليم ٽيبو پهرين آرڊر ۾ گرلس پرائمري اسڪول علي اڪبر جمالي ۾ مقرر ڪيو ويو

هفتي بعد ساڳئي آئوٽ ورڊ نمبر ساڳي ٽيچر کي يو سي پهاڙ مري جي گرلس اسڪول ۾ پوسٽنگ آرڊر ڏنو ويو

نوٽيس وٺي اسان جي اسڪول تي ٽيچر مقرر ڪري معصوم نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي: ڳوٺاڻا

ٽنڊوباگو (رپورٽ: رفاقت جروار) تعليم کاتي جو عجيب ڪارنامو. تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيل ٽنڊوباگو تعلقي جي ليڊيز ٽيچر ماروي زال محمد سليم ٽيبو کي هڪ ئي آئوٽ ورڊ نمبر سان جدا جدا به پوسٽنگ آرڊر جاري ڪري ڇڏيا آهن. پهرين آرڊر ۾ گرلس پرائمري اسڪول علي اڪبر جمالي ۾ مقرر ڪيو ويو. هفتي کان پوءِ وري ساڳئي آئوٽ ورڊ نمبر ۽ ساڳي تاريخ ۾ ليڊيز ٽيچر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

وڏو وزير مختصر دوري تي دادو پهتو، قلندر شهباز جي درگاهه تي حاضري

بلدياتي اليڪشن 2023 ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي کي عوام ڀرپور نموني ڪامياب ڪيو آهي: وڏو وزير

چونڊن ۾ ڪاميابي سان ثابت ٿي ويو آهي ته سنڌ جو عوام پاڪستان پيپلزپارٽي سان گڏ آهي: مراد علي شاهه

انشاءَالله ڪراچي ۾ اتحادين سان گڏجي حڪومت ٺاهيداسين، اسان کي ڪراچي جي عوام پڻ ساٿ ڏنو آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه هڪ ڏينهن جي مختصر دوري تي سيوهڻ پهچي ويو. وڏو وزير هڪ ڏينهن جي مختصر دوري تي سيوهڻ پهچي درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر رح جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو : وڏو وزير مختصر دوري دوران قلندر شهباز جي درگاهه تي حاضري ڀريندي

گورنر هائوس ۾ رحمت العالمين ڪانفرنس جو انعقاد

ڪراچي (رپورٽر) گورنر هائوس ۾ رحمت العالمين ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو ويو. سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري خصوصي شرڪت ڪئي، درگاهه عاليه عيدگاهه شريف راولپنڊي پير محمد حسان حسيب الرحمان ڪانفرنس کي خصوصي خطاب ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ڪانفرنس ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين ۾ بلدياتي اليڪشن مبينا بدترين ڌانڌلين خلاف جماعت اسلامي پاران ريلي، نعريبازي

ضلعي امير علي مردان شاهه عبدالڪريم بليدي فتح خان ڪوسو الهه بچايو هاليپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

جماعت اسلامي ڪراچي ۾ اڪثريت سان ڪامياب ٿي آهي پر پ پ حڪمران کان اها ڪاميابي برداشت نه ٿي رهي آهي: اڳواڻ

عوام دشمن قوتون حربا هلائي عوام جي فيصلي کي تبديل ڪرڻ چاهين ٿا، ڪراچي کي روشنين ۽ امن جو شهر ڏسڻ نٿا چاهين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ مبينا طور تي بدترين ڌانڌلين جي خلاف جماعت اسلامي جي طرفان ضلعي امير علي مردان شاهه عبدالڪريم بليدي فتح خان ڪوسو الهه بچايو هاليپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مسجد اقصيٰ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته جماعت اسلامي ڪراچي ۾ وڏي اڪثريت سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

”اٽو ناهي چوپلا“ غلام الله جا مسڪين ۽ پورهيت ماڻهو مهانگائي خلاف روڊن تي نڪري آيا

اسٽاپ ڪنڀار واڙو کان مين بس اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ٺٽو غلام الله روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعريبازي

ڊي سي ٺٽو جي اعلان 75 روپيه اٽو ڪرڻ باوجود به ملز مالڪ واپاري پنهنجي هوڏ تي قائم آهن، غريب پريشان آهن: مظاهرين

نوٽيس وٺي ملز مالڪن واپارين خلاف قانوني قدم کنيو وڃي ۽ اسان کي سستي اٽي جو پيڪيج ڏنو وڃي: مطالبو

ٺٽو (جاويد ميمڻ) غلام الله جا مسڪين غريب پورهيت ماڻهو سياسي سماجي اڳواڻن شهرين سان گڏ مهانگائي خلاف روڊن تي نڪري آيا اٽو ناهي چوپلا ڪربلا ڪربلا جهڙا نعرا غلام الله پروسر ڪالوني سومار هوٽل ۽ آس پاس جي علائقن ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ خلاف سوين غريب پورهيت ماڻهن شهرين سياسي سماجي اڳواڻن سان گڏ پلي ڪارڊ بينر کڻي روڊن تي نڪري آيا بس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽو : غلام الله جا مسڪين ۽ پورهيت ماڻهو مهانگائي خلاف روڊن تي نڪري احتجاج ڪندي

بدين : درگاهه عاليه لواري شريف جي ستين سجاده نشين جي نياڻي لاڏاڻو ڪري وئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) درگاهه عاليه لواري شريف جي ستين سجاده نشين حضرت پير گل حسن شاهه نقشبندي قدس سره جي نياڻي ۽ حضرت پير حسن قادر شاهه جي والده محترما بي بي بلقيس معروف بي بي ڪڪي گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ وفات ڪري وئي جنهن کي ڪراچي ملير ۾ سندس خانداني قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مٽياري جي عوام هميشه پ پ ۽ مخدوم خاندان جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو آهي: ارشاد سوهو ۽ ٻيا

بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي ۽ عوامي اعتماد اهو ثابت ڪيو ته خريد ٿيل غلام نه آهن، ترقياتي ڪمن تي جلد ڪم شروع ٿي ويندو

اسان جيڪي واعدا اليڪشن ۾ ڪيا آهن انهن کي پورا ڪنداسين، پليجاڻي ۾ فخرالزمان جي ڏنل ڪمن جو جار وڇايو ويندو

پليجاڻي جي عوام مخدوم فخرالزمان سان ڪيتري محبت ڪري ٿي ته ٻيا هٽي اميدوارن کي ڪامياب ڪري ٻڌايو آهي

مٽياري (رپورٽ اشرف شاهه) مٽياري يوسي پليجاڻي پيپلز پارٽي جو نو منتخب ضلع ڪائونسل جي ميمبر حاجي ارشد علي سوهو ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ عبدالجبار زرداري گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو پليجاڻي جو شڪريوادا ڪندي چيو ته هتان جي عوام هميشه پيپلز پارٽي ۽ مخدوم خاندان جي اميدوارن کي هميشه ڪامياب ڪرايو آهي عوام اعتماد ڪري اهو ثابت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
اربع 18 جنوري 2023ع

وڌندڙ مهانگائي جو حل ڳولهڻ جي ضرورت

شاعر چيو آهي ته:

پريت نا جاڻي جات ڪجات، نيند نا جاڻي ٽوٽي کاٽ،
ڀوک نا جاڻي باسي ڀات، پياس نا جاڻي ڌوبي گهاٽ.

ڪيڏو نه درد ۽ الميو سمايل آهي انهن سٽن ۾؟؟ مون کي هن وقت پنهنجي وطن جي مسڪين، غريب ۽ پورهيت ماڻهن جو حال اهوئي ڏسجي ٿو وٽن پيئڻ لاءِ صاف ۽ پاڪ پاڻي آهي ۽ نه وري کائڻ لاءِ ماني. ٻاروٽي ماني ۽ پيٽ ٻرجيڪي ڪين ڪٿان ملي ٿو ته اهو به اوبريا اڇلايل ۽ ٻچيل سچيل.

مون ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو ته جنهن خوشحال ۽ مالدار سنڌ ۾ منهنجو جنم ٿيو آهي اتي ڪڏهن منهنجي مارن کي اهڙا ڏينهن به ڏسڻا پوندا پرچي ڳويرا چوي ٿو ته "جنهن قوم کي تاريخ سان دلچسپي نه هجي انهن جو حافظو ڪمزور ۽ مزاج جذباتي هوندو آهي اهو ئي سبب آهي جو هُو پنهنجي ليڊر جي چونڊ ۾ اڪثر ڪري ڌوڪو کائيندا آهن" اسان جي قوم جو حال به اهوئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اڄ قوم کي قحط جهڙا بدحال ڏينهن ڏسڻا پئجي رهيا آهن.

مان سمجهان ٿي ته ڏک ۽ ڏڪار انسان کي کائي ويندو آهي اهو ئي سبب آهي جو انهن ٻنهي جي ورچڙهيل انسان شايد ئي بچي سگهندو آهي هونئين ته ڏڪار جا به گهڻا ئي قسم آهن پر هن خوراڪ يعني رزق جو جيڪو ڏڪار غريب ماڻهن لاءِ پيدا ڪري ڪين هٿرادو طور موت جي منهن ۾ ڏکيو پيو وڃي اهو سڄو انهن اشرافيا جو احسان آهي جيڪي پاڻ ته هڪ ئي ويلي تي ويهارو طعام کائن ٿا پر سندن ڪتا، ٻلا ۽ جانور به اهڙي خوراڪ کائن ٿا جنهن جو خرچ ڪنهن غريب جي سڄي ڪٽنب جي راشن کان وڌيڪ هجي ٿو ڇا اهو احساس، جذبن، حيا، انصاف، ضمير ۽ انسانيت جو ڏڪار نه آهي؟ جو ڪين جانور ته نظر اچن پر بک مرندڙ جيئرا جاڳندا انسان نظر نه اچن؟

اسان جي ملڪ ۾ سڀ کان وڏو قحط ته قانون جو آهي جنهن سبب سڀني کي من ماني ڪرڻ جو هر موقعو ملي رهيو آهي اقوام متحده موجب رياست هر سال اشرافيا کي اربين روپين / ڊالرن جون مراعتون ڏئي ٿي جيڪڏهن انهن سهولتن کي واپس ورتو وڃي ته پاڪستان مان غربت جو مڪمل طور تي خاتمو آڻي سگهجي ٿو صوبائي وزيرن کان صلاحڪارن ويندي سيڪشن آفيسرن تائين ڪين ملندڙ رڳو پيٽرول جو ئي اندازو لڳايو وڃي ته الائي ڪيترو پيسو ٺهندو جيڪو غريبن کي سهولتون ۽ بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ڪم اچي سگهي ٿو ته پوءِ اهڙيون پيون نه ڄاڻ ڪيتريون ۽ ڪنهن ڪنهن کي ملندڙ مراعتون آهن ۽ هونديون جن کي ختم ڪري پيسو عوام تي خرچ ڪيو وڃي ته هوند ڪو غريب بک نه ڪٽي ۽ نه وري ڪو ڇپر کان محروم رهي. ڪينيڊا جي وزير اعظم جسٽن ٽروڊو کي هڪ اجلاس دوران سندس پرنسپل سيڪريٽري اچي ٻڌايو ته "سر توهان جيڪو ڊاڪٽرن جي پگهار ۾ واڌ جو اعلان ڪيو آهي ان تي ڊاڪٽرن احتجاج ڪيو ۽ مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي پگهار گنج آهي سو اها رقم ملڪ جي ترقياتي ڪمن ۾ استعمال ڪئي وڃي" تنهن تي جسٽن ٽروڊو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "اهي ڊاڪٽر ناهن، پر حضرت عيسيٰ عليه السلام جي شفا جو هٿ آهن" جن ملڪن جا ڊاڪٽر اهڙا منصف ۽ ايماندار هجن انهن ملڪن جا اڳواڻ ڇا هوندا؟

تڏهن ئي چوندا آهن ته "ايماندار ٿيو مالدار ته فرعون به هو" جتي گئس ۽ تيل جي ذخيرن جي مالڪي واري حيثيت رکندڙ سنڌ ۾ بک ۽ بدحالي چوٽ چڙهيل هجي ته پوءِ باقي صوبن جو ڇا حال هوندو؟ ۽ اڳواڻن جون وري اهي دعوائون آهن ته انهن ٻوڏ متاثرن ۾ به اربين روپيا ورهايا آهن جيڪڏهن اربين روپيا ڇٽڻ جو ڪم حڪومت ڪيو آهي ته پوءِ غربت جي سطح ۾ ڪرٽ بجاءِ واڌ ڇو آئي آهي؟ سخت ترين سيءَ ۾ ماڻهون پڌري پٽ تي ڇو ويٺا آهن؟ پنهنجي ڌرتي هوندي به پناهه گيرن واري زندگي ڇو گهاري رهيا آهن؟ بلاول بادشاهه جي جهوليءَ ۾ ڪنهن اهڙو سوراخ ڪيو جو سڄي دنيا کان پنيل پئسا به پورا پئجي نه سگهيا آهن؟

زرداري ۽ شهباز جي سخاوت تي ڪنهن لت رکي آهي جو عوام لاءِ اڄ موت هڪ مانيءَ کان وڌيڪ سستو آهي؟ ڪٽڪ جا مٿين ٽن گودامن ۾ ڪنا ڪري قوم کي زوريءَ قحط ڏي ڪنهن ڏکيو آهي؟ ڊاڪٽر، ماستر، اديب، شاعر ۽ قوم جا پڙهيل لکيل سڏائيندڙ ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي وڏا وڏا احتجاج ڪندڙ پاڻ کي سماج سيوڪ ۽ قوم جي حقن جا ٺيڪيدار سڏائيندڙ سڀ چو ماٺ آهن؟ چو ڪو احتجاج، ڪو ردعمل، ڪا مزاحمت، ڪو ميڙاڪو ڪو واڪو ناهي ٿي رهيو؟ جڏهن ڪو غريب ۽ مزدور اهو چوڻ تي مجبور ٿي وڃي ته "مون کي ڪٽنب سميت جيل ۾ وجهو بس ماني کارائجو مان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان" ايماندار ۽ مالدار جي ميزان ۾ دور حاضر جا حڪمران وقت جا وڏا فرعون لڳندا، جن پنهنجي خدائي قائم رکڻ لاءِ غريبن جي روزي قبضي ۾ ڪري ورتي آهي، پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته هر فرعون جي مقدر ۾ نيٺ غرق ٿيڻ ۽ نشان عبرت بڻجي وڃڻ لکيل آهي.

اِني لاءِ واجهائيندڙ عوام ۽ ماني لاءِ پريشان مارُوئڙن کي ڏسي مون کي فلسطين جي قومي شاعر محمود درويش جون هي سٽون هر هر ياد اچي رهيون آهن جنهن ۾ هن پنهنجي محبوبه کي چيو آهي ته:

"مان اڄ صبح تنهنجي لاءِ گلاب خريدڻ وڃي رهيو هئس،
پر منهنجا ساٿي بکايل هئا،
مون انهن لاءِ ماني ورتي،
۽ تنهنجي لاءِ محبت سان ڀريل هڪ نظم لکي ورتم"

ڪاش منهنجي ڌرتي سان محبت جي دعوا ڪندڙ به ائين ئي ڪن ها ته اڄ سنڌن ڪو به ساٿي (ڌرتي واسي) بکايل نه هجي هان ۽ محبت ڀريا انيڪ نظم سرججي وڃن هان.

سرڪاري اسڪولن جي تعليمي نظام ۾ سڌاري جي سخت ضرورت آهي

پروفيسر گل محمد سومرو

دنيا جي هر ملڪ ۽ قوم جي ترقي جو دارومدار ان ملڪ جي تعليمي نظام تي تمام گهڻو منحصر ٿو ڪري. اها حقيقت آهي ته جن به ملڪن ترقي ڪئي آهي يا ترقيءَ جا ڏاڪا ٽپي رهيا آهن. انهن هر لحاظ کان پنهنجي ملڪ اندر تعليمي نظام کي ترقي ڏيارڻ ۽ ان ۾ جديد دور جي تقاضائن مطابق جديد ۽ نيون پاليسيون متعارف ڪرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو هن وقت اهي ملڪ دنيا ۾ ترقي يافته ۽ سائنسي ميدان ۾ تمام گهڻو اڳتي وڌي ويا آهن. اسان جي ملڪ کي قائم ٿيندي لڳ ڀڳ 75 سال گذري چڪا آهن پر اسين بين الاقوامي سطح تي ترقي ته ڇا پر ملڪي سطح تي به دنيا ۾ ڪو ڪارنامو سر انجام ڏئي نه سگهيا آهيون. هڪ پاسي دنيا ترقي ڪري رهي آهي ته اسين وري هن ترقي يافته دور ۾ مسئلن جي چار ۾ ڦاسي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ۽ اسان جي حڪمرانن وٽ ڪا حڪمت عملي ناهي، ڪا پاليسي نه آهي، ڪو قانون نه آهي ۽ نه ئي وري عمل نالي جي ڪا شيءِ آهي. انهن سڀني مسئلن جي پيدا ٿيڻ جو بنياد سرڪاري ادارن ۾ سياسي مداخلت آهي. جيستائين ملڪ جي سرڪاري ادارن مان سياسي مداخلت ختم نه ڪئي ويندي تيستائين ملڪ جي سرڪاري ادارن ۾ بهتري اچڻ هڪ نا ممڪن عمل آهي. خاص طور تي تعليم ۽ صحت جي ادارن کي هن ملڪ مان خاص طور تي سنڌ صوبي مان سياست کان پري رکيو وڃي ته انهن ادارن ۾ سڌارا اچڻ ممڪن آهن. ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ خاص طور تي سنڌ جو تعليمي نظام ڏينهون ڏينهن تباهيءَ ڪناري لڳندو پيو وڃي. دنيا ترقيءَ جون راهون پار ڪري رهي آهي. جديد تعليم ۽ تربيت جون پاليسيون متعارف ٿي رهيون آهن پر اسان جي سنڌ صوبي ۾ تعليم جو نظام بهتر ٿيڻ بدران بد تر کان بد تر ٿيندو پيو وڃي. جڏهن ته انتظامي اصولن موجب پرائمري، سيڪنڊري، هائر سيڪنڊري بورڊ انتظاميه ۽ يونيورسٽي ليول جا تمام ادارا ڌار ڌار آهن ۽ مڙني جون پنهنجون پنهنجون پاليسيون، اصول ۽ قانون جڙيل آهن. ان جي باوجود به سنڌ صوبي ۾ تعليمي نظام ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪو به اعليٰ عملدار مخلص ۽ سچار نه آهي. نيٺ ائين ڇو ۽ ڇا لاءِ ٿي رهيو آهي. سرڪاري اسڪولن جي ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهجي ته اڪيون رت جا ڳوڙها ٿيون روئن. عمارتون باقائدگيءَ سان ڪشاديون. ڪلاس روم ڪشاده، هوادار، کيڏڻ جا ميدان، تجربيگاهون، لائبريريون. شاگردن کان وڌيڪ تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جي مقرري. پر افسوس جو سنڌ جي اڪثر اسڪولن ۾ صفائيءَ جو ته ڪو نالو نشان ئي نه هوندو آهي. لائبريريون آهن ته ڪتاب موجود نه آهن. تجربيگاهون آهن ته تجربو ڪرڻ لاءِ مضمون مطابق سامان ميسر نه آهي. پهريون ته استاد اسڪول ۾ موجود ئي ناهن هوندا وري جيڪڏهن نظر اچي به ويندا ته سندن پڙهائڻ جو ڪو به ارادو نه هوندو گذريل ڪيترن ئي سالن کان تعليمي ادارن ۾ بائيو ميٽرڪ سسٽم متعارف ڪرايو ويو آهي پر ان جي با وجود به ان عمل کي ڪمائيءَ جو اهڙو ته ذريعو بڻايو ويو آهي جو آفيسرن ۽ اعليٰ عملدارن جا ڀاڳ کلي پيا آهن. نون استادن جي مقرري ته هڪ ڳُٺتيءَ جوڳو عمل آهي جو 40 مارڪون حاصل ڪندڙ نوجوانن کي به آرڊر ڏئي تعليمي ادارن ۾ پڙهائڻ جون ذميواريون سونپيون پيون وڃن. هائي اهي جيڪي لکت جي امتحان ۾ پاس مارڪون کڻي سگهيا آهن اهي ڪلاس ۾ شاگردن کي آخر ڇا پڙهائيندا؟ جيڪي پاڻ نصابي ۽ ادبي ڄاڻ کان ڪورا، اهي هڪ ڪلاس ۾ ويهي نئين نسل جي معمارن کي ڪهڙي تعليم ۽ تربيت ڏيندا؟ اهي تمام پاليسيون هن سر زمين کي تباهه ڪرڻ جون سازشون آهن. ڪيترن ئي سالن کان سموري سنڌ ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر جي ساليانه امتحانن دوران ٿيندڙ نقل جو عمل وقت جي مطابقت سان گهٽجڻ بدران وڌندو پيو وڃي. پر تعليمي ادارن جا اعليٰ عملدار، سنڌ حڪومت، بورڊ انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ان معاملي ۾ هن وقت تائين غير سنجيده آهن جنهن ڪري ان ناقص ۽ نسلن جو مستقبل تباهه ڪندڙ عمل خلاف ڪا قانوني ڪاروائي نه ٿي ڪئي وڃي. آخر ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ هن سر زمين کي تباهه ڪرڻ جون سازشون. هن سرزمين جا نالو تاريخ مان هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جون سازشون ويچار ڪجي ته پاڪستان جي قيام کان اڳ ئي جاري رهنديون آيون آهن. پر پاڪستان جي قيام کان پوءِ انهن سازشن ۾ لاڳيتو واڌارو اچي چڪو آهي. انهن سازشن ۾ هن وقت اسان جا سياستدان، وڏيرا، سرمائيدار ۽ انهن جا پوئلڳ شامل آهن جيڪي هن سرزمين جي نوجوانن جو مستقبل هر دور ۾ اونداهو ڏسڻ چاهين ٿا هو هر دور ۾ هر موڙ تي سنڌ جي عوام کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي پنهنجي اشاري تي هلائڻ جا خواهشمند رهيا آهن. ان ڪري سنڌ جي سرزمين جو تعليمي نظام بهتر ٿيڻ بدران بدتر ٿيندو پيو وڃي. هن وقت به تعليمي اداري ۾ سنڌ سرڪار پاران برٿين جو عمل جاري آهي. ڪيترا ئي نوجوان برٿي ڪيا ويا آهن ۽ ڪيترن ئي نوجوانن کان درخواستون گهرايون ويون آهن. پر ڇا تعليم جي نظام ۾ تبديلي، نصاب ۾ بهتري، سرڪاري اسڪولن جي عمارتن جي مرمت، تجربيگاهن ۾ تجربن جو سامان، لائبريرين ۾ ڪتابن جي موجودگي، اسڪولن ۾ صفائيءَ جو انتظام، مقرر ڪيل استادن جي وقت تي موجودگي ۽ سچائيءَ سان پڙهائڻ جا دلي ۽ حقيقي ارادا، اسڪول انتظاميه ۽ اعليٰ آفيسرن پاران انتظامي حڪمت عملي جهڙن ڪمن ۾ بهتري ۽ نواڻ آڻڻ لاءِ چو نه ٿو ڪم ڪيو وڃي؟ اسڪول ۾ هڪ پٽيوالو ته مقرر آهي پر اسڪول ۾ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ پسند نه ٿو ڪري، اسڪول ۾ هڪ پنگي ته مقرر ڪيل آهي پر اسڪولن جون ليٽرينون، ڪلاس روم ۽ عمارت جي صفائي ڪرڻ پسند نه ٿو ڪري. مطلب ته هڪ پٽيوالي کان وٺي اسڪول جي هيڊ ماستر تائين سڀئي ان حقيقت کان سهڻيءَ ريت واقف آهن ته اسين صحيح ڪيون يا غلط، بهتر ڪيون يا بد تر، ڪيون يا نه ڪيون پر سرڪاري ادارن ۾ اسان جي نوڪري 25 سال هر صورت ۾ جاري رهندي ان کان پوءِ پينشن.

پوين جي نوڪري به پڪي. نه ڪو پڇڻ وارو ۽ نه ڪو ڪنهن جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪرڻ وارو ته پوءِ ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو محنت ۽ مشقت ڪجي. اهڙي طرح انهن اصولن پٺاندڙ تعليمي نظام تباهه ٿي چڪو آهي سرڪاري اسڪولن ۾ مقرر عملو پنهنجي اولاد کي به هن وقت خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي رهيو آهي. سنڌ جا تعليمي ادارا سنڌ جو تعليمي نظام تڏهن ئي بهتر ٿيندو جڏهن تعليمي ادارن مان سياسي مداخلت مڪمل طور تي ختم ڪئي ويندي. گهوسڙو ماسترن کي جبري طور گهر پيڙو ڏنو ويندو ۽ انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. جيڪي سرڪاري ماستر سرڪاري نوڪري ڪرڻ بدران خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن انهن کي سرڪاري نوڪريءَ مان هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي ۽ قانوني طور ڪين سخت سزا ڏني وڃي. گهر ويٺي پگهارون کڻندڙ عملي جون پگهارون سختيءَ سان بند ڪيون وڃن. جاري ڪيل نوٽيس موجب مقرر ڪيل وقت تي جيڪڏهن ملازم نوڪري ڪن ٿا ته بهتر ٻي صورت ۾ ڪين نوڪريءَ مان هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي. جهڙيءَ ريت تعليمي نظام خانگي اسڪولن جو هلي رهيو آهي بلڪل اهڙيءَ ريت سرڪاري اسڪولن جي نظام ۾ به بهتري آندي وڃي. بين الاقوامي پاليسين کي سرڪاري اسڪولن ۾ متعارف ڪيو وڃي. نصاب نون ۽ جديد اصولن موجب تيار ڪيو وڃي. نصاب سياسي، مذهبي فرقاواريت ۽ لساني سرگرمين کان بلڪل پاڪ هجڻ گهرجي. سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ ساليانه امتحانن دوران نقل جي عمل تي مڪمل طور تي خاتمو ڪيو وڃي. پرائمريءَ کان وٺي يونيورسٽي سطح تائين جيڪو به شاگرد نقل ڪندي پڪڙيو وڃي ڪيس هر صورت ۾ ٽن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ڪيو وڃي. نصاب ۾ ڪمي ڪئي وڃي. نصاب جي مضمونن کي ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي. جيڪي مضمون لازمي آهن اهي ته پورو سال پڙهايا وڃن پر باقي مضمونن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڪجهه پهريان ڇهه مهينا ۽ ڪجهه آخري ڇهه مهينا پڙهايا وڃن ته جيئن شاگردن تي ذهني وزن نه پوي. تعليم سان گڏ تربيت تي تمام گهڻي توجه ڏني وڃي. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن سنڌ جو هر شاگرد ۽ سندن والدين آواز اٿاريندا. باقي جيڪڏهن هر شاگرد ۽ والدين خاموشيءَ سان هن نظام جي خامين کي برداشت ڪندا رهيا ته هن سرزمين تي شعور، ترقي ۽ ڪاميابي جو سج ڪڏهن به نه اڀرندو ۽ نه ئي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزادي ماڻي سگهندا سين. افسوس جو اسين ڪالهه به غلام هئا سين ۽ اڄ به غلام آهيون فرق صرف اهو آهي ته ڪالهه اسين انگريز جا غلام هئا سين ۽ اڄ اسين سنڌ جي وڏيرن، سرمائيدارن، سياستدانن، پوتارن ۽ انهن جي دلالن جا غلام آهيون. اسان کي ان غلاميءَ مان هر صورت ۾ نجات حاصل ڪرڻي پوندي. ان نجات سان ئي اسان جا ايندڙ نسل غلاميءَ کان آزاد، خوشحال ۽ ترقي يافته زندگي گذاري سگهندا.

***

پَتنگ چائِين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جي، کِهڙُ تہ ٽِئين گهوٽُ!
اَڃا تون اَروٽُ! ڪُوري خَبَر نہ لهِين!

پاڪستاني سياست ۾ سوشل ميڊيا جو ڪردار

ليکڪ: الاهي بخش انيل پٽي

پاڪستان ۾ سياسي هلچل هن وقت پنهنجي انتها تي پهچي چڪي آهي. هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ وارو سلسلو جاري آهي. ان لاءِ سوشل ميڊيا جو پليٽ فارم استعمال ڪيو پيو وڃي. جنهن سان نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي بدنامي ٿي رهي آهي ۽ ملڪ کي ان جو نقصان پهچي رهيو آهي. سوشل ميڊيا جي ناڪاري استعمال سان ٿيندڙ نقصان جو ازالو ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي پاڪستان جي سياست ۾ سوشل ميڊيا جو ڪردار هاڻي انتهائي اهم ٿيندو پيو وڃي. سوشل ميڊيا کي سياسي پارٽين هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهڻي حد تائين ان ۾ ڪامياب به ٿيون آهن. سياسي پارٽين باقاعدگي سان پنهنجا سوشل ميڊيا سيل به قائم ڪري ڇڏيا. جنهن کان پوءِ سياسي پليٽ فارم تان سوشل ميڊيا ذريعي هڪ ٻئي خلاف ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ غلط مواد استعمال ڪيو پيو وڃي. اهڙي طرح سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن جا ڪيترائي قسم آهن. جڏهن سياست جي ڳالهه اچي ٿي ته ٽي قسم جا استعمال ڪندڙ آهن جن تي غور ڪيو وڃي. جنهن ۾ شعور پيدا ٿئي ٿو انهن صارفين جو هڪ مهذب سماج جي تعمير ۾ وڏو ڪردار آهي. بدقسمتي سان اهڙيون پوسٽون اڪثر نظر انداز ڪيون وينديون آهن ٻيا صارف جيڪي پنهنجي قيادت ۽ پارٽي يا اڳواڻن تي تنقيد يا مخالفت ڪندا آهن. برداشت نه ڪرڻ ۽ سرجو جواب پٿر سان ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا. جنهن سبب نه رڳو پارٽيءَ جي ڪارڪنن جا لاڳاپا خراب ٿين ٿا. پر ڪارڪنن ۾ بيچيني به پکڙجي ٿي ۽ پارٽيءَ جو اندروني ۽ بيروني ماحول به گرم رهي ٿو ٽيون قسم جا استعمال ڪندڙ جيڪي صرف ڪاپي پيسٽ جا ماهر آهن اهي صارفين غير تصديق ٿيل سياسي پوسٽون شيئر ڪندا رهندا آهن. جنهن سبب سادا ماڻهو سٺي ۽ خراب ۾ فرق نه ڪري سگهندا آهن ۽ چونڊن دوران ڪرپٽ مافيا ۽ نام نهاد ليڊرن جي چونڊ ڪري انهن کي پنهنجو پاڻ تي لاڳو ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن جي ڪري صارفين کي پريشاني ٿيندي آهي. فرقيوارانه پوسٽن جي ڪري عوام ۾ بيچيني ۽ عدم تحفظ جو ماحول آهي. ملڪ دشمن قوتون نه رڳو پنهنجي ناڪاري ڪاروائين کي جاري رکڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيون آهن. پر ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جو موقعو به وڃڻ ئي نٿا ڏين. انهن صارفين جي ڪري سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي تمام گهڻي بدنامي ٿي آهي. جنهن سبب پاڪستان ۾ مختلف قسم جا فساد ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن جي غير سنجيدگيءَ جي سبب به ڪيترائي دهشتگرد عنصر پنهنجون ڪاروايون ڪندا آهن. پاڪستان ۾ سوشل ميڊيا پليٽ فارم سياسي طور تي مقبول ٿي چڪو آهي. پر نوجوان نسل ان پليٽ فارم جي مثبت نتيجن کي پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. ان جو منفي استعمال ٿي رهيو آهي. جنهن ڪري نوجوانن کي تمام گهڻو نقصان پهچي رهيو آهي. سوشل ميڊيا کي سڄي دنيا ۾ مثبت انداز ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. پر پاڪستان ۾ ان جو ناڪاري استعمال هر اداري ۽ سياست لاءِ نقصانڪار بڻجي چڪو آهي. پاڪستان ۾ ڪيترائي اهڙا ادارا آهن جيڪي سوشل ميڊيا جي ناڪاري اثرن کي روڪڻ جي صلاحيت رکن ٿا پر انهن جي قوت ۽ صلاحيت کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته سوشل ميڊيا پليٽ فارم آهي. سڄي دنيا ۾ ڪاميابي ۽ ترقي جا رستا کولي رهيا آهن. پاڪستان ۾ سوشل ميڊيا جا اڪثر استعمال ڪندڙ ان جي غلط استعمال کي وڌيڪ ترجيح ڏئي رهيا آهن. قومي ادارن کي گهرجي ته سوشل ميڊيا تي ناڪاري مواد جو استعمال مڪمل طور بند ڪن سياسي پارٽين کي به گهرجي ته سوشل ميڊيا پليٽ فارم کي پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ استعمال ڪن ۽ ان کي ٻين سياسي پارٽين جي خلاف استعمال ڪرڻ پنهنجو فرض نه سمجهن. هڪ عام شهري وانگر منهنجو به اهو فرض آهي. پنهنجي قلم سان سماج جي سڌاري لاءِ ڪردار ادا ڪريان. جيئن اسان جو ملڪ نه رڳو پرامن پر ترقي يافته ملڪن جي لسٽ ۾ شامل ٿي سگهي. اهڙي طرح منهنجا ٻيا قلم دوست به پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن کي به پوسٽ شيئر ڪرڻ کان اڳ چڱيءَ طرح تصديق ڪرڻ گهرجي ته پوسٽ ڪيل مواد غلط ته ناهي.

****

بقايا 01

ڏنو آهي. ڪالهه اسان 15 ارب روپين جي ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪيو آهي. ان کان اڳ اسان لاهور کي اپ گريڊ ڪرڻ جو وڏو منصوبو ٺاهيو آهي. هن چيو ته شريف لاهور جا مالڪ بڻجي ڦرندا آهن پر هي ترقياتي ڪمن لاءِ آيل پئسا لڳائڻ بجاءِ پاڻ کائي ويندا آهن. پنجاب جي وڏي وزير چيو ته هتي شريفن ۽ راڻا ثناءالله جهڙن بيوقوفن صرف ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن ان سان ڪو به فرق نه پوندو. هن کي خبر ئي ناهي ته ملڪ ڊيفالٽ طرف وڃي رهيو آهي. ملڪ کي بچائڻ لاءِ تڪڙيون چونڊون ڪرايون وڃن.

بقايا 02

ٿي وئي آهي. گذريل سال سڄي چين ۾ 95 لک 60 هزار ٻار پيدا ٿيا جڏهن ته هڪ ڪروڙ 4 لک کان وڌيڪ شهري وفات ڪري ويا. چين جي شماريات کاتي جو چوڻ آهي ته اڃا به چين جي افرادي قوت گهرج کان وڌيڪ آهي ۽ ماڻهن کي آبادي ۾ گهٽتائي جي حوالي سان پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي.

بقايا 03

چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ايم اين ايز ته شام جو گهر وڃي سمهي رهيا هئا. انهن کي صبح جو خبر پئي ته کٽي ويا آهيون. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪوشش آهي ته جماعت اسلامي سان ملي ڪم ڪريون ان سلسلي ۾ هن سان رابطي ۾ آهيون. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير جي بيان تي رد عمل ڏيندي وڏي وزير چيو ته پي پي ٽي ڏنو ته حافظ نعيم نتيجن جي دير سان جاري ٿيڻ تي اعتراض ڪيو مان اهو واضح ڪري ڇڏيان ته حافظ نعيم کي فون ڪري چيو هو ته چونڊ نتيجا اسان کي به نه پيا ملن. ميئر اسان جو حق آهي ان سلسلي ۾ ٻين پارٽين سان به ڳالهيون ڪنداسين.

بقايا 04

نهيان پاڪستان جو سڀ کان وڏو خير خواهه آهي ۽ هو پاڪستان جي مدد ۾ سدائين اڳيرو رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ نار وارن ملڪن جا مفاد هڪجهڙا آهن ۽ اسان جا لاڳاپا تحفن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا. اسان تحفن کان وڌيڪ مضبوط سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي يقين رکون ٿا. هن چيو ته اسان جو مقصد سيڙپڪاري ۽ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي. اسان اعتماد جوڳن دوستن ڏانهن مدد لاءِ هٿ وڌائڻ جا خواهشمند آهيون. شهباز شريف چيو ته دوست ملڪ وقت سر مدد نه ڪن ها ته صورتحال کي منهن ڏيڻ ناممڪن هجي ها. نار وارن ملڪن جي مدد سان ملڪ جا مسئلا گهٽيا آهن پر اسان امداد سيڙپڪاري جي صورت ۾ چاهيون ٿا. وزيراعظم پارٽي هر منصب نريندر مودي کي ڳالهين جي آڇ ڪندي چيو ته وزيراعظم نريندر مودي کي سنجيدا ۽ هاڪاري ڳالهين جي دعوت ڏيان ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت کي فضول جي ڇڪتاڻ ۽ جهيڙن مان نڪرڻو پوندو ۽ ٻنهي ملڪن کي عوام جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڀارت پنهنجو رويو تبديل ڪري ڳالهين ڪري ته اسان تيار آهيون. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۽ ڀارت ٽي جنگون وڙهي بک، بيروزگاري کان سواءِ ڪجهه حاصل ناهي ڪيو عوام لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهي ٿي ويو آهي، هاڻي اسان کي اهو سلسلو روڪڻو پوندو تنهنڪري ٻنهي ملڪن کي اختلاف ختم ڪري سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻو پوندو، ڪشمير سميت سمورن تڪراري مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون اثر آهن. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته ڀارت کي ڪشمير ۾ انساني حقن جي پيچڪري روڪڻي پوندي، ڀارت 2019ع جي تڪراري آرٽيڪل ذريعي ڪشمير جي اصل حيثيت جي لتاڙ ڪئي آهي. ڀارت ۾ اقليتن خلاف جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سڀني جي سامهون آهي.

بقايا 05

ڪيو ويو هو ويٽنام ۾ ڪرپشن جي خاتمي خلاف جاري مهم ۾ ڪيئي اهم شخصيتن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. گهڻي قدر ڪرپشن جا الزام ڪورونا کان بچاءَ لاءِ ڪنيل حڪومتي قدمن تي آهن. ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي پنهنجي بيان ۾ چيو ته صدر فوڪ اڳواڻ طور ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته ٻن نائب وزيراعظمن سميت ڪجهه حڪومتي عهديدارن گهوٽالن ۾ ملوث آهن هلندڙ مهيني قومي اسيمبلي ٻن نائب وزيراعظمن فيم بن ۽ وودوڪ کي سندن عهدن تان هٽائي ڇڏيو آهي. اٽڪل سوين عهديدارن ۽ واپارين کي ڪورونا ٽيسٽنگ ڪٽ جي ورڇ واري دوران گهوٽالن جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 06

جن قومي اسيمبلي ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪيون ويون آهن. انهن ۾ مراد سعيد، عمر ايوب، اسد قيصر، پرويز خٽڪ، عمران خٽڪ، شهريار آفريدي، علي امين خان، نورالحق قادري، راجا خرم شهزاد نواز، علي نواز اعوان، اسد عمر، صداقت علي خان، غلام سرور خان، شيخ راشد شفيق، شيخ رشيد احمد شامل آهن. منصور حيات خان، فواد احمد، ثناءالله خان مستي خيل، حماد اظهر، شفقت محمود، عامر ڊوگر، شاهه محمود قريشي، زرتاج گل، فهيم خان، سيف الرحمان، عالمگير خان، علي زيدي، آفتاب صديقي، عطاءالله، آفتاب جهانگير، نجيب هارون، قاسم سوري، عاليا حمزا، ڪنول شوزف جون استعيفائون به منظور ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ جي 35 قومي اسيمبلي ميمبرن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪري ڇڏيو.

بقايا 07

۽ حيدرآباد جي عوام ڪارڪردگي کي ووٽ ڏنو آهي. هن چيو ته عوام جي زبردست اعتماد تي ٿورائتو آهيان، پ پ هڪ ڀيرو ٻيهر عوامي مقبوليت ثابت ڪري ڇڏي، چونڊيل جيالا نمائندا عوامي مسئلن جي حل ۾ بهترين ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 08

نتيجو جماعت اسلامي وٽ آهي. جيستائين انهن 9 سيٽن جو فيصلو حق ۾ نٿو اچي، ميئر جي چونڊ جي ڳالهه اڳتي نه وڌندي. اجلاس ۾ چيو ويو ته ميئرشپ لاءِ سڀني جماعتن سان ڳالهين جو آپشن موجود آهي. ن ليگ، آزاد ۽ ٻين جماعتن سان به ڳالهايو ويندو، پ پ سان به ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون پر ميئر اسان جو هوندو.

بقايا 09

پابندي هڻڻ لاءِ قانون سازي ڪئي ويئي وڃي. رپورٽ موجب اهو اعلان تڏهن ڪيو ويو جڏهن نيويارڪ، ڪيليفورنيا ۽ اوريگن سميت مختلف رياستن موسمياتي تبديلي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ روايتي ٻارڻ تي هلندڙ گاڏين جو وڪرو بند ڪيو آهي. وائيومنگ جي اختيارين جو چوڻ آهي ته تيل ۽ گيس جي شعبي سان ٻي شمار ماڻهن جو روزگار ڳنڍيل آهي ۽ وائيومنگ جي تاريخ ۾ ان انڊسٽري نالي ۾ وڏو حصو ورتو آهي. بل ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي ته وائيومنگ ۾ چارجنگ اسٽيشنز جو انگ گهٽ آهي ۽ بجليءَ وارين بيٽرين ۾ استعمال ٿيندڙ اهم اوزار سولائي سان ٻيهر استعمال يا ختم نٿا ڪري سگهجن. سينيٽر جم اينڊرسن جي اڳوائي ۾ قانون ٺاهيندڙ گروپ پاران اهي ڪارڻ پيش ڪيا ويا. هن وقت رياست ۾ 100 کان وڌيڪ ڪمپنيون ان تي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ ان انڊسٽري سان 68 هزار کان وڌيڪ ماڻهو ڳنڍيل آهن.

بقايا 10

لائن ڪمپني جي ترجمان سودرشن برٽولا تصديق ڪئي ته عورت پائلٽ انجو ڪاتيوڙا 16 سال اڳ پنهنجي مڙس پائلٽ ديپڪ پوڪرل جي فضائي حادثي ۾ موت ڪانپوءِ ملندڙ انشورنس جي رقم مان جهاز اڏائڻ جي تربيت حاصل ڪئي هئي. هن ٻڌايو ته انجو ڪاتيوڙا 2010 ۾ يتي ايئرلائنز ۾ شموليت اختيار ڪئي. آچر ڏينهن تباهه ٿيندڙ جهاز ۾ مددگار پائلٽ طور موجود هئي. رپورٽ موجب فوت ٿي ويل 72 مسافرن مان هيل تائين 68 جڻن جا لاش ڪڍيا ويا آهن. جڏهن ته عورت پائلٽ جو لاش اڃا تائين ناهي ملي سگهيو.

بقايا 11

تمام رڙهي هئي. چيف جسٽس وڪيل افتخار گيلاني کان پڇائو ڪيو ته ڇا لطيف آفريدي جو واسطو ڪوهاٽ سان هو؟ جنهن تي وڪيل چيو ته لطيف آفريدي جو واسطو فرنٽيئر ريجن سان هو. ڪيس باررومر ۾ قتل ڪيو ويو، مون کي ان واقعي جي ڏاڪرو ڪري ڇڏيو آهي. چيف جسٽس چيو ته لطيف آفريدي جو قتل افسوسناڪ واقعو آهي.

بقايا 12

گرمي پد ۾ واڌ ٿيندي آهي. موسميات ڪاتي جي ماهرن ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي ته 2023 ۾ ڪنهن به وقت ايل نينو جي واپسي ٿيندي. جنهن جي نتيجي ۾ سڄي دنيا مان موسمياتي شدت ۾ واڌ ٿيندي ۽ ان جو به امڪان آهي ته عالمي گرمي پد ۾ 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ جي واڌ ٿيندي. رپورٽ موجب 2016 کي دنيا جو گرم ترين سال چيو ويندو آهي ۽ ان سال ايل نينو گرمي پد ۾ واڌ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو گذريل 3 سالن جي دوران ايل نينو لهر ڏسڻ ۾ آئي هئي جيڪا ڪنهن حد تائين موسم کي ٿڌو رکندي آهي. اها اڳڪٿي پهريون ئي سامهون اچي وئي آهي ته هن سال 2023 جي پيٽ ۾ وڌيڪ گرم سال ثابت ٿيندو. 2022 کي تاريخ جو پنجون گرم ترين سال چيو ويندو آهي پر ايل نينو لهر سال جي وچ کان شروع ٿيڻ جو امڪان آهي ته ان سان وڌندڙ گرمي پد جو اثر مهينن تائين محسوس ٿيندو جنهن جو مطلب اهو آهي ته 2024 ۾ عالمي گرمي پد جو نئون رڪارڊ ٺهي سگهندو آهي.

بقايا 13

وفاقي وزير جي سالڪ جي درخواست تي ٻڌائي ڪئي. جنهن سلسلي ۾ درخواستگذار پنهنجي وڪيل خاور بخاري سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته 25 ڊسمبر تي قائداعظم جي ۽ ڪرسمس جي موڪل هوندي آهي. 25 ڊسمبر جي عام موڪل آچر تي اچي وڃي ته سومر کي موڪل جو ڏينهن قرار ڏنو وڃي. چو ته سڄي دنيا ۾ پريڪٽس آهي. آچر تي پبلڪ هاليڊي هجي ته ان کي لانگ ويڪ اينڊ طور ملهايو ويندو آهي. عدالت چيو ته ائين ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ته ناهي؟ ان تي مناسب هدايتون جاري ڪنداسين. پوءِ عدالت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 14

پيپلز پارٽي جي سينيٽر بهره مند تنگي چيو ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سائيڪل تي آفيس اچڻ جون ڳالهيون ڪيون ۽ سادگي جو درس ڏنو پر هو هميشه هيلي ڪاپٽر ۾ سفر ڪيو. سينيٽر بهره مند تنگي چيو ته انگن اکرن موجب گذريل 3 سالن جي حڪومت دوران عمران خان بطور وزيراعظم 1 ارب روپيه خرچ ڪيا. قانون بابت مملڪتي وزير شهادت اعوان وزيراعظم آفيس جي 3 سالن جي خرچن جا تفصيل پيش ڪيا. مملڪتي وزير ٻڌايو ته 3 سالن دوران وزيراعظم آفيس لاءِ هڪ ارب 17 ڪروڙ روپيه بجيٽ مقرر ڪيو ويو جڏهن ته خرچ 90 ڪروڙ کان وڌيڪ رهيا. اجلاس دوران مملڪتي وزير شهادت اعوان ۽ پي ٽي آءِ جي سينيٽر شهزاد وسيم ۾ تڪرار پڻ ٿي. سينيٽر شهزاد وسيم چيو ته ٻوڏ دوران مليل فنڊز جا تفصيل ڪٿي آهن. اسان سوال پڇو هو ته اهي فند ڪيترا ۽ ڪٿي استعمال ڪيا ويا. مصر جي ڪانفرنس ۾ اوهان لشڪر ولي ويا هو انهن جا به تفصيل جمع ڪرائڻا هئا. جيڪي عالمي ڪانفرنس کان پئسا ورتا ويا اهي ڪٿي خرچ ڪيا ويا يا پاڻ ئي کائي ويا. سينيٽر شهزاد وسيم جي سوال تي شهادت اعوان چيو ته غير لاڳاپيل سوال پڇيو پيو وڃي. قائدي موجب لکت ۾ سوال جمع ڪرايو وڃي ان کان پوءِ ئي سمورا تفصيل پيش ڪندس.

بقايا 15

۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيپٽن (ر) صفدر چيو ته مان آئين جي جنگ وڙهي رهيو آهيان. آئين مون کي حق ڏنا آهن، مون تي ڪيس جي پويان بااثرن جا هٿ هئا. هن چيو ته قوم مهانگائي ۾ مري رهي آهي ۽ اڳوڻو آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوا دبئي ۾ مهانگي شاپنگ جا مزا ماڻي رهيو آهي. گذريل رات ئي قمر جاويد باجوا وائيٽ گولڊ خريد ڪيو آهي. سندس چوڻ هو ته ثاقب نثار ۽ قمر جاويد باجوا ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو.

بقايا 16

روپيا ٻڏي ويا آهن 100 انڊيڪس 39 هزار جي نفسياتي حد به ٽوڙي ڇڏي. منجهند جو 100 انڊيڪس 1432.94 پوائنٽ تائين هيٺ هلي وئي. مارڪيٽ کلڻ بعد هڪ موقعي تي 40 پوائنٽ پلس ٿي پر ان بعد ريڊ زون ۾ گهٽندي رهي ۽ 1349.60 يعني 3.47 سيڪڙو ڪري پئي. هڪ ڏينهن ۾ اها وڏي گهٽتائي آهي. 100 انڊيڪس 38342.21 تي ڪلوز ٿي آهي.

بقايا 17

راڄ جو خاتمو ٿيو عمران خان جي گرفتاري تي سندس چوڻ هو ته ان جا ڪيس عدالتن ۾ آهن. عدالتون گرفتاري جو حڪم ڏين ته گرفتاري ٿيندي. هن چيو ته اسان عمران خان کي اڳ ئي چيو هو اليڪشن ۾ اچو. پي ٽي آءِ جي 10 کان 12 ماڻهن اسان سان رابطو ڪيو. اهي اسيمبلي نه پيا ٽوڙڻ چاهين. گورنر آئيني حق استعمال ڪندي اعتماد جي ووٽ جو چيو. راڻا ثناءالله چيو ته اسان پرويز اندار ۾ چونڊ وڙهنداسين. چونڊ مهم شروع ٿيندي ته سڀني کي خبر پوندي ن ليگ جو ووٽر متحرڪ آهي.

بقايا 18

اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته ڪراچي جو ميئر جماعت اسلامي جو هوندو. هن 10 تڪن ۾ ٻيهر ڳڻپ لاءِ عدالت وڃڻ جو به اعلان ڪيو. جماعت اسلامي جو اهم اجلاس اڄ منصوره ۾ سڏايو ويو آهي.

بقايا 19

آهي. انشاءالله گل حسن ڪلمتي صحتياب جلد ٿي پنهنجي عزيزن، دوستن، اهل ادب ۽ ساٿين سان گڏجي تاريخ تي پنهنجو ڪم مڪمل ڪندو ان موقعي تي سسئي پليجو سان گڏ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پڻ هو.

بقايا 20

پاڪستان ۾ ڪاٻي ڌر جي سياست ڪئي. مذهبي انتها پسندي جو مخالف هو. هن ڪي گذريل ڏينهن پشاور هاءِ ڪورٽ بار روم عدنان سميع الله آفريدي نالي نوجوان قتل ڪيو هو. ڪيس 6 گوليون لڳيون. جوابدار جو چوڻ آهي ته هن سندس مامي جي قتل ۾ ملوث هو ڪيس بدلي طور قتل ڪيو.

بقايا 21

چيو ته خام مال، پارٽس ۽ لوازمات جي درآمد ۾ برآمداتي شعبي کي هر ممڪن مدد ڏني ويندي.

بقايا 22

ڇڏيو آهي. سنڌ جو نوجوان مرد ۽ عورتون پنهنجي فني ۽ علمي قابليت جي بنياد تي آمريڪا ۾ ٻين ملڪن ڪينيڊا نڪري اچن. ساٿا ڪين ڪينيڊا، آمريڪا ۾ ڀرپور مدد ڪندي. هن اها ڳالهه سومر ڏينهن ٿي شام جو ڪراچي پريس ڪلب ۾ صحافي دوستن ذوالفقار راڄپر، عبدالواحد راڄپر، قاضي آصف ۽ ٻين طرفان رکيل هڪ آجياڻي ۾ ڳالهائيندي ڪئي هن چيو ته ٻوڏ ۽ برساتن سبب سنڌ جي تباهه ٿيل زراعت، شهرن، ڳوٺن، رستن گهرن ۽ متاثر هزارين ماڻهن جي بحالي لاءِ سنڌ ۽ وفاقي حڪومت جي قدمن سان ساٿا ۽ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ۽ ٻيا ماڻهو مطمئن نه آهن. ساٿا پنهنجي طرفان ٻوڏ متاثر عوام جي مدد به ڪئي آهي. پر اڃان وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ساٿا ۽ سنڌ هڪ ٻي سان ڳنڍيل آهن. ساٿا سنڌي شاگردن ۽ شاگرديائين کي صلاح ڏئي ٿي ته هو آمريڪا سميت هر ملڪ ۽ اسڪالر پروگرامن ۾ شامل ٿين. خود ساٿا به انهن لاءِ تعليمي اسڪالرشپ جا موقعا پيدا ڪندي. سنڌ جي سماجي، سياسي، ادبي ۽ ثقافتي حلقن ۽ سرگرمين کي سنڌ ۽ آمريڪا اندر هٿي ڏيندي. ساٿا جي اڳواڻ ۽ شاعر اسحاق تنيو چيو ته آمريڪا ۾ ڪمپيوٽر سائنس سميت ٻين فني ڄاڻ ۽ ڊگري رکندڙن جي وڏي گهرج آهي. آمريڪا ۾ رهندڙ ۽ پيدا ٿيندڙ ٻارن ۽ نوجوانن سنڌي ٻولي ڳالهائين. لکڻ پڙهڻ جي سخت ضرورت آهي. چو ته اتان جو نئون سنڌي نسل جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ کان بي خبر رهندو ته مستقبل ۾ آمريڪا، ڪينيڊا سميت يورپ ۾ رهندڙ سنڌين جو سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ سان واسطو ختم به ٿي سگهي ٿو. ساٿا سميت سڀني کي ان مسئلي طرف توجه ڏيڻ گهرجي. ساٿا جي اڳواڻ ۽ ليکڪ خير محمد ڪولاچي چيو ته ڪينيڊا ۾ به روزگار ۽ تعليم جا ڪافي موقعا موجود آهن. ڪينيڊا ۾ به سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ جاکوڙ جاري آهي. ڪينيڊا اندر به هڪ سنڌ ۽ ان جو درد موجود آهي. ڊاڪٽر خليل ميمڻ چيو ته آمريڪا اندر سنڌ جي نوجوان ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي لاءِ هڪ تنظيم به ٺاهي ورتي آهي. جيڪا آمريڪا ايندڙ ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽريائين جو نه فقط آڌر ڀاءُ ڪندي پر ڪين اتي رهڻ ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۾ سهڪار ڪندي. ان موقعي تي ڊاڪٽر مسرت خواجه، ارباب خدا بخش، امتياز فاران، نصير ڳوپانگ، رياض سهيل، منظور چانڊيو ۽ ٻين ساٿا جي ساٿين جو آڌر ڀاءُ ڪندي چيو ته ساٿا کي پنهنجي ايجنڊا ۾ سنڌ جي پاڻي، زمين تي قبضن، ڌارين جي آبادڪاري، جرڳن، سڱ چٽي ۽ ٻين انساني سياسي حقن لاءِ آمريڪا ۾ آواز اٿارڻ گهرجي.

بقايا 23

هنيا ويا. ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، ٺٽو، ٽنڊومحمدخان، بدين، ٽنڊوآدم، اوٻاوڙو، ميهڙ، دادو، نواب شاهه، سنجهورو، جهڏو، ڪنڊڪوٽ، هالا، مدڃي، ڪشمور ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن توڙي عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ڪارڪنن ڪراچي جي مڪاني چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف پريس ڪلب توڙي اهم چونڪن تي ڌرڻا هڻي سخت نعري بازي ڪئي، جنهن ۾ گهر ڪئي وئي ته جماعت اسلامي جي مينڊيٽ کي تسليم ڪري حق ڏنو وڃي. جيڪب آباد ۾ مقامي دفتر کان پريس ڪلب تي ٿيل احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير حافظ نصرالله چنا چيو ته 15 سالن کان سنڌ تي راڄ ڪندڙ پ پ سنڌ کي پينگ، ڪڪڪ ۽ متاثرين جي امداد کائڻ بعد ڪراچي ۾ عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو آهي جنهن کي هرگز برداشت ڪونه ڪنداسين. پ پ عوامي مينڊيٽ کي تسليم ڪري ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڌما ڌم مست قلندر ٿيندي. مظاهري کي مقامي اڳواڻن هدايت الله رند، عبدالصمد ڪتبار ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. لاڙڪاڻي ۾ باغ جناح چوڪ تي صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ، ضلعي امير قاري ابو زبير جکرو ۽ مقامي امير رميز راڄڙ جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو. سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته جماعت اسلامي جي مينڊيٽ کي چوري ڪري سنڌ حڪومت عوام جي حق تي ڌاڙو هنيو آهي، ڪراچي جهڙي شهر ۾ ميڊيا جي دور ۽ جماعت اسلامي جهڙي منظم تنظيم باوجود بدترين ڌانڌلي ٿي آهي ته پوءِ اندازو لڳايو ته سنڌ جي باقي شهرن جي چونڊن ۾ هي جاگيردارن جو ٽولو ڪهڙو حشر نشر ڪندا هوندا. جماعت اسلامي کي پنهنجو حق واپس ڏئي مينڊيٽ جو احترام نه ڪيو ويو ته سموري سنڌ جي اهم روڊن تي ڌرڻا لڳائينداسين. هوڏانهن ڪنڊڪوٽ ۾ مظاهري کي صوبائي اڳواڻ عبدالحفيظ بجاراڻي، امير ضلع غلام مصطفي ميراڻي، ملي ۾ ڪشمير چوڪ تي مظاهري کي مير محمد بليدي، سکر پريس ڪلب تي مظاهري کي صوبائي اڳواڻ مولانا حزب الله جکرو، سلطان لاشاري، زبير حفيظ شيخ، ٽنڊوآدم پريس ڪلب تي رئيل مظاهري کي عبدالستار انصاري، مشتاق احمد عادل، ٺٽي ۾ عبدالله آدم گندرو، ايڊوڪيٽ عبدالمجيد سمون، عبدالحميد شورو، ميرپورخاص ۾ محمد رفيق چوهان، مدڃي ۾ مولانا عبدالرحمان مگريو، ميهڙ ۾ الياس ڪلهوڙو، امتياز چانڊيو، اوٻاوڙو ۾ مولانا مفتي يوسف مزاري خطاب ڪيو جڏهن ته جهڏو، متياري، ٽنڊومحمدخان ۽ ڪشمور سميت ٻين شهرن ۾ پڻ مظاهرا ڪيا ويا.

بقايا 24

۽ سرجاري فارمولي تحت ڏيندا آهيون. مصدق ملڪ چيو ته ملڪ ۾ گڏيل طور تي 3200 ملين ڪيوبڪ فٽ في روزاني (ايم ايم سي ايف ڊي) گيس جي کوٽ پيدا ٿيندي آهي جنهن مان 1600 ايم ايم سي ايف ڊي گيس سسٽم ۾ ايندي آهي. مصدق ملڪ چيو ته 700 ايم ايم سي ايف ڊي سڌو سنئون بجلي جي ڪارخانن ڏانهن ويندي آهي. چلها ٻارڻ لاءِ ملڪ ۾ 1700 ايم ايم سي ايف ڊي گيس گهرجي. هلندڙ سال صورتحال خراب هجڻ باوجود خيبرپختونخواهه ۾ گيس جي لوڊ شيڊنگ ناهي ڪئي. مملڪتي وزير چيو ته اوگرا اسان کي گيس مهانگائي ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي پر مهانگائي سبب گيس جون قيمتون نه وڌايون. گيس جون قيمتون نه وڌائڻ سبب قومي خزاني تي بار پئجي رهيو آهي. عوام مٿان وڌيڪ بار نٿا وجهي سگهون. مناسب وقت تي گيس جون قيمتون وڌائڻيون پونديون.

بقايا 25

سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته نگران شهري ڪميٽين جي سربراهيءَ تان ججز کي هٽايو ويو آهي. عدالت پاران ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ جوڙيل ڪميٽين ۾ عورتن کي به شامل ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي. سپريم ڪورٽ شهري ڪميٽين کي رليف آپريشنز ۾ هدايتون ڏيڻ ۽ انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ سرڪار جي درخواست رد ڪندي ججز کي نگران ڪميٽيز جو سربراهه مقرر ڪيو هو. سپريم ڪورٽ سنڌ حڪومت جون سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف درخواستون جزوي طور منظور ڪندي تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 26

ڪئي وئي آهي. موسميات ڪاتي موجب ڪراچي ۾ اڱاري جي صبح جو گرمي پد 7 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. هوا ۾ نمي جو تناسب 55 سيڪڙو آهي. شهر ۾ هلڪو ڪوهيڙو آهي، ويجهڙائي 3.5 ڪلوميٽر آهي. جڏهن ته هلڪين هوائن هلي رهيون آهن. موسميات ڪاتي جو چوڻ آهي ته اڄ رات ڪراچي ۾ گرمي پد سنگل ڊجٽ ۾ رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا 27

ننگرهار جي تعليم ڪاتي ترجمان جو چوڻ آهي ته مرد ملازم شريعت موجب ڏاڙهي رکن ۽ باجماعت نماز ادا ڪن. تعليم ڪاتي ۾ عورت ملازمن لاءِ حجاب لازمي قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته حڪامي تي عمل نه ڪرڻ وارن ملازمن کي گهرو پيڙو ڪيو ويندو.

بقايا 28

خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي. شهيد فاضل راهو جي پٽ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو آخري آرامگاهه تي حاضري ڀري گل رکي فاتحه خواني ڪئي. گولاڙچي ۾ اليڪشن سبب شهيد فاضل راهو جي ورسي سادگي سان ملهائي پئي وڃي. ٻئي پاسي شهيد فاضل راهو جا ساٿي ۽ پرستار سندس جدوجهد تي سماجي رابطن جي مختلف ويب سائيٽس تي ڪيس ڀيٽا پيش ڪري رهيا آهن. فاضل راهو ولد احمد خان راهو جو جنم 1937ع ڌاري ڳوٺ راهوڪي ضلعي بدين ۾ ٿيو.

بقايا 29

هنيا ويا. ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، ٺٽو، ٽنڊومحمدخان، بدين، ٽنڊوآدم، اوٻاوڙو، ميهڙ، دادو، نواب شاهه، سنجهورو، جهڏو، ڪنڊڪوٽ، هالا، مدڃي، ڪشمور ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن توڙي عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ... ميرپورخاص ۾ محمد رفيق چوهان، مدڃي ۾ مولانا عبدالرحمان مگريو، ميهڙ ۾ الياس ڪلهوڙو، امتياز چانڊيو، اوٻاوڙو ۾ مولانا مفتي يوسف مزاري خطاب ڪيو جڏهن ته جهڏو، متياري، ٽنڊومحمدخان ۽ ڪشمور سميت ٻين شهرن ۾ پڻ مظاهرا ڪيا ويا.

بقايا 30

پيپلز پارٽي جي سينيٽر بهره مند تنگي چيو ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سائيڪل تي آفيس اچڻ جون ڳالهيون ڪيون ۽ سادگي جو درس ڏنو پر هو هميشه هيلي ڪاپٽر ۾ سفر ڪيو. ... قائدي موجب لکت ۾ سوال جمع ڪرايو وڃي ان کان پوءِ ئي سمورا تفصيل پيش ڪندس.

بقايا 31

نهيان پاڪستان جو سڀ کان وڏو خير خواهه آهي ۽ هو پاڪستان جي مدد ۾ سدائين اڳيرو رهيو آهي. ... ڀارت ۾ اقليتن خلاف جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سڀني جي سامهون آهي.

بقايا 32

۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيپٽن (ر) صفدر چيو ته مان آئين جي جنگ وڙهي رهيو آهيان. ... سندس چوڻ هو ته ثاقب نثار ۽ قمر جاويد باجوا ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو.

بقايا 33

پيپلز پارٽي جي سينيٽر بهره مند تنگي چيو ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سائيڪل تي آفيس اچڻ جون ڳالهيون ڪيون ۽ سادگي جو درس ڏنو ... آفيس لاءِ هڪ ارب 17 ڪروڙ روپيه بجيٽ مقرر ڪيو ويو جڏهن ته خرچ 90 ڪروڙ کان وڌيڪ رهيا. ... قائدي موجب لکت ۾ سوال جمع ڪرايو وڃي ان کان پوءِ ئي سمورا تفصيل پيش ڪندس.

بقايا 34

گرمي پد ۾ واڌ ٿيندي آهي. موسميات ڪاتي جي ماهرن ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي ته 2023 ۾ ڪنهن به وقت ايل نينو جي واپسي ٿيندي. ... جنهن جو مطلب اهو آهي ته 2024 ۾ عالمي گرمي پد جو نئون رڪارڊ ٺهي سگهندو آهي.

بقايا 35

هنيا ويا. ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ... جڏهن ته جهڏو، متياري، ٽنڊومحمدخان ۽ ڪشمور سميت ٻين شهرن ۾ پڻ مظاهرا ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 01

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، سالگرهه تقريب کي استاد بخاري جي فرزند ڊاڪٽر سيدالطاف شاهه بخاري، پرو وائيس چانسلر لاڙڪاڻو سيد اظهر علي شاهه ، ڪائونسلر سيد امير شاهه ،سينئر صحافي گلڻ پنڊ،پريس ڪلب دادو جي صدر صابر پنڊ، سرور جلال سولنگي، سيد تابش بخاري، عمران سومرو، لالا ستار قريشي، ديدار شيخ، آصف سومرو ،محمد بخش ڪورائي، راجا رفيق پنهور ۽ ٻين چيو ته اڄ سنڌ جي سدا بهار عوامي قومي شاعر استاد بخاري جي 93 سالگرهه آهي اڄ هن تقريب ۾ شامل ٿي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ڇاڪاڻ جو استاد سڄي زندگي سنڌ ڌرتي لاءِ گيت ۽ شعر لکيا آهن استاد بخاري سنڌ ۽ ادب جي تاريخ جو سهڻو باب آهي جيڪو هميشه پڙهيو ويندو هي پنهنجي نالي وانگر شاعري ۾ استاد هيو اڄ سندس ڪافي شاگرد سنڌ جا بهترين شاعر ۽ فنڪار آهن،استاد اڄ به اسان ۾ توهان ۾ موجود آهي جيڪو پولي پيو ٿو استاد پورهيت طبقي ۽ سنڌ جي سونهن تي تمام گهڻو لکيو آهي، مڪاني چونڊن سبب سالگره تقريب دير سان ڪرڻي پئي پر شهرين ۽ سنڌ استاد جي سالگره کي تمام گهڻو ياد ڪيو آهي،دادو پريس ڪلب پهچي قومي هيرو کي ياد ڪري تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائي پئي ٿي،جڏهن ته استاد بخاري جي سالگرِ تقريب ۾ دادو جي مقامي فنڪارن ٻالڪ سنڌي،حبدار سخيراڻي،سجاد سولنگي،مصطفیٰ بروهي، گل لطيف، گل مهراڻ سخيراڻي،احسن سخيراڻي ۽ ٻين استاد بخاري جا ڪلام ڳائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

بقايا سنڌيار 02

ڪرايا ويا آهن ان جي ذميوار اليڪشن ڪميشن ۽ سنڌ حڪومت آهي انهي ڪري چونڊن ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ ۽ ماڻهن کي موقعو نه ڏنو ويو جڏهن ته هاڻي مقامي حڪومتن کي فوري طور اختيار ڏيئي ڪراچي ۽ حيدرآباد جا بنيادي مسيلا حل ڪيا وڃن هن چيو ته ٽرانسپورٽ صفايي سترايي بجلي ۽ پاڻي جهڙا مسيلا حل ڪرڻ سان گڏ امن امان قايم ڪيو وڃي ته ڪراچي پوري پاڪستان جو ڪاروباري حب آهي ڪراچي ڪيترن يي سالن کان مسيلن جي ور چڙهيل آهي آبادي ۽ ڏهن سبب مسيلا پيدا ٿي رهيا آهن ڪراچي ۾ هڪ جامع رٿابندي ڪيي وڃي ها ته اڄ ڪراچي دنيا جو مرڪز هجي ها هن چيو تا قانون ۽ انصاف سان شهري زندگي آسان بڻايي سگهجي ٿي ڪراچي جي عوام کي شاباش آهي ته اهڙن مشڪل حالتن ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڪراچي ۾ پيدا ٿيندڙ مسيئلن جي ذميوار پيپلزپارٽي جماعت اسلامي ايم ڪيوايم ۽ پي ٽي آهي انهن کي ملي ڪري شهر کي بهتر بڻائڻو پوندو ته جيئين ملڪ جي معيشت جو ڦيٿو هلي سگهي

بقايا سنڌيار 03

هيلٿ سينٽر ۾ ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر سجاول طرفان حامله عورتن جي علاج لاءِ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ ڏڙو سميت ٻرپاسي جي سوين عورتن علاج ڪري کين مفت ڪٽ، دوائون، بالٽيون، مڇردانيون ۽ ٻيو سامان ڏنو ويو ان موقعي تي پاپوليشن ڪاتي سجاول جي ڊسٽرڪٽ آفيسر ڊاڪٽر عبدالواهاب عباسي، ڏڙو سينٽر جي انچارج سلمه ميمڻ، مهتاب حسين قريشي، نويد احمد ميمڻ، ممتاز ميمڻ، شازيه سومرو، رضيه سومرو ۽ ٻين پاران سينٽر تي ايندڙ حامله عورتن جي علاج ڊليوري، پيدا ٿيندڙ ٻارن جي نشونما ۽ پيش ايندڙ طبي خطرن کان آگاهه ڪيو. جڏهن ته ليڊي ڊاڪٽريائين عورتن جي طبي چڪاس ڪئي، ۽ کين مفت دوائون ڏيڻ سان گڏوگڏ کين ڊليوري جون ڪٽ، مڇردانيون، بالٽيون ۽ ٻيو سامان مهيا ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 04

9 وارڊن تي پيپلز پارٽي ڪامياب جڏهن ته پي ٽي آءِ ٻن وارڊن تي ڪاميابي ماڻي تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ ميونسپل ڪاميٽي کي اين شاهه جي 11 وارڊن مان 9 وارڊن تي پيپلز پارٽي ڪامياب جڏهن ته پي ٽي آءِ ٻن وارڊن تي ڪاميابي ماڻي ڪامياب ماڻيندڙن ۾ وارڊ نمبر 1 تي پ پ جو ڊاڪٽر خليل ڪوهارو بنا مقابلي ڪامياب ٿيو وارڊ نمبر ٻه تي رشيد احمد شيخ، وارڊ نمبر ٽي تي ڊاڪٽر غلام محمد شيخ،وارڊ نمبر چار تي سيد حسن شاهه، وارڊ نمبر 5 تي مشهودالحق گاڏهي، وارڊ نمبر ست تي فهيم جمالي، اٺ تي بخشل پنهور،9 تي راشد جوکيو وارڊ نمبر 11 تي محمد بروهي ڪامياب ٿيا جڏهن ته پي ٽي آءِ جا وارڊ نمبر 6 تي ايڊووڪيٽ شعبان ملاح ۽ 10 تي وسيم لاکير ڪامياب ٿيا آهن پولنگ جو عمل پر امن گذريو سڪيورٽي لاءِ پوليس ۽ رينجرز مقرر ٿيل هئي، پيپلز پارٽي پاران ڪاميابي تي ريلين ڪڍي جشن ملهائڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 05

مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب عام ٽريفڪ متاثر ٿي، مظاهرين ۾ ظهيرالدين بابر جتوئي، طفيل راجپوت، وسيم صديقي، سهيل راجپوت، عبداللطيف ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا. رشيد راجپوت، سيف الله خٽڪ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪراچي جي عوام بلدياتي چونڊن ۾ جماعت اسلامي تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسين شڪر گذار آهيون،انهن کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏينداسون. پيپلزپارٽي ۽ اليڪشن ڪميشن جي مبينه ملي ڀڳت ڪري جماعت اسلامي جي مينڊيٽ جو قتل عام ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. پيپلزپارٽي ڌانڌلي واري پارٽي آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته هو جماعت اسلامي جي مينڊيٽ بحال ٿيڻ تائين چين سان نه ويهندا، ميئر شپ ڪراچي جي عوام جي آهي ۽ جماعت اسلامي پنهنجو حق گهرڻ ڄاڻي ٿي.

بقايا سنڌيار 06

گوٺ گاهي خان لانگاهه ۾ جوابدارن پاران مبينا طور 15 ورهين جي نينگري سائره لانگاهه ڌي علي حسن لانگاهه کي مبينا طور کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 10 ڄڻا رٿورت ٿي پيا، هڪ ڌر جي جوابدارن پاران علي حسن لانگاهه جي گهر تي ڪاهه ڪري سندس 15 ورهين جي نياڻي سائره کي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته نينگري کي کڻڻ جي ڪوشش دوران نينگري جي وارثن پاران مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن پاران مٿن تشدد پڻ ڪيو ويو، جوابدان جي حملي ۾ نينگري ۽ چئن عورتن سميت 9 ڄڻا رٿورت ٿي پيا جن کي خانپور مهر جي شيخ همدان بن محمد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جوابدارن جي حملي ۾ زخمي ٿيلن ۾ مسمات مرادان، گلزاران، حنيفان، محمد نواز، علي عباس، گاهي خان ۽ ٻيا شامل آهن، جڏهن ته جهيڙي دوران جوابدار ڌر جو هڪ ڄڻو مکڻو لانگاهه به زخمي ٿي پيو جنهن کي به ساڳي ٿي اسپتال آندو ويو جتي ڌرين پاران هڪٻئي مٿان اسپتال اندر ٿي حملو ڪيو ويو ۽ هڪٻئي مٿان لٺين ۽ مڪن جو وسڪارو ڪيو ويو هوڏانهن نينگري جي وارثن جو چوڻ هيو ته جوابدار مکڻو، خادم، اعظم، مراد لانگاهه ۽ ٻين اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪري نياڻي سائره کي اغوا جي ڪوشش ڪئي، جوابدان نينگري کي اغوا ڪري سندس زبردستي شادي ڪرائڻ چاهين پيا، هنن چيو ته جوابدار ڌر سان رشتيداري ٿيل آهي اسين کين چيو ته نياڻي ننڍي آهي جنهن تي هنن حملو ڪري ڪيس اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻي طرف خانپور مهر ٿاڻي تي واقعي جي اين سي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 07

پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سماجي ڪارڪن نوجوان ساجد شيخ، سرفراز احمد، ساجد نبي، حيان خليل، جو چوڻ هو ته ڊي بلڊ هيروز ٺٽو کي ڊي بلڊ هيروز جي سالاني تقريب ۾ بيسٽ ايڪٽو ٽيم جي ايوارڊ سان نوازيو ويو ٺٽي جي ٽيم هر سال ٿيليسيميا جي مريضن لاءِ هڪ ڪيمپ آرگنائز ڪندي آهي ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت گڏ ڪندي آهي جيڪو هڪ بهترين ۽ انسان دوست عمل آهي، ڊي بلڊ هيروز پاران هڪ ملڪ گير سالياني اجلاس پشاور ۾ منعقد ڪيو ويو خاص طور تي ضلعي ٺٽي ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ ۽ ايوارڊ حاصل ڪرڻ تي ٺٽي جي شهرين انهن نوجوانن لاءِ هڪ اعزاز ۽ اتساهه آهي جيڪي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار آهن ٺٽي جي نوجوانن کي گهرجي ته ملڪ ۾ سماجي ڪمن ۾ اڳڀرو ٿي ٺٽي جو نالو روشن ڪن ڊي بلڊ هيروز ٺٽي جي ٽيم ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جو پڻ ٿورو مڃيو انهي موقعي تي ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جو باني حيدر جويو. صدر ممتاز سميجو. سابق صدر جاويد ميمڻ. خزانچي حقنواز شيخ ۽ صحافي عزير پٽو پڻ موجود هيا تقريب ۾ پريس ڪلب جي ميمبرن پاران ڊي بلڊ هيروز جي اڳواڻن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 08

صدر رامجي ڪولهي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي نائب صدر مهراڻ درس سومار هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جي اڳواڻ سريش ڪمار پيل مرتضا شام جيون ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو لطيف هاليپوٽو لڪمڻ ڪولهي جبار درس ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ پورهيت جي گهر ۾ پورهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هن ڪميشن پاس ڪري اردو ٻوليءَ جو ليڪچرار طور ڀرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ ڳجهارت بڻيل حادثي جو شڪار ٿي ڊاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو هڪ نا معلوم گاڏي چيپاٽي وئي پر اڄ تائين سنڌ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ ڪارائتي ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهي جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪرپشن جي ڪري سمورا انتظامي ادارا سمورا روڊ رستا تباهه حال بڻيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا ٽوٽي آبپاشي نظام ۽ پوليس ڪاتو ڪٿي نظر ئي نٿا اچن ڪڏهن سنڌ ٻوڏ وجهي ٿي ڪڏهن سنڌ کي سڪايو وڃي ٿو ڪڏهن سنڌ کي ورهائي دهشتگردن کي پليٽ ۾ رکي ڏنو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري سنڌ کي ورهائڻ لاءِ صوبا ڪميٽي ٺاهي وڃي ٿي ۽ سنڌ جا سمورا روڊ ته کوس گهر بڻيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظام يا قانون ناهي جو روڊن تي هي موت جو راڪاس روڪي سگهي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت عالمي قوتن ۽ سامراجي قوتن حوالي ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ساحلي پٽي سميت سنڌ جون زمينون وسيلا ۽ وڏا شهر غير ملڪين ۽ ڌارين حوالي ڪري سنڌ ۾ هڪ نئون اسرائيل ٺاهڻ جو پلان ناهيو ويو آهي جنهن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ سنڌي قوم کي منظم ٿي قومي جدوجهد جو حصو بڻجڻو پوندو انهي موقعي تي هنن وڌيڪ چيو ته ضلع بدين جي بار ڪائونسل به ريزوليشن پاس ڪري گهر ڪئي آهي ته بدين پوليس هن قتل جو قاتل ڳولهي پڌرو ڪري قانون جي حوالي ڪري انهي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪي ۾ گهر ڪئي وئي ته هن روڊ حادثي ۾ ملوث گاڏي جي ڊرائيور ۽ گاڏي کي پڪڙي ظاهر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوامي تحريڪ سڄي ضلع ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ۽ سمورا روڊ بند ڪيا ويندا ان دوران جيڪڏهن جيڪا به صورتحال پيدا ٿي ته ان جو ذميوار به ضلع بدين جي پوليس هوندي

بقايا سنڌيار 09

کي بهتر بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون، ڊپٽي ڪمشنر پريا ۾ مختلف ٽيمن جو رڪارڊ چيڪ ڪيو ۽ ٻارن جي آڱرين جي نشانن ۽ دروازن جي نشانن جو جائزو ورتو ڊپٽي ڪمشنر تعلقي اسپتال ڪنڊيارو ۾ قائم فڪس سينٽر جو پڻ دورو ڪيو ۽ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا. وارڊ جو معائنو ڪيو هن اسپتال انتظاميه کي هدايت ڪئي ته اسپتال جي صفائي سٿرائي سان گڏوگڏ مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ان موقعي تي هن اسپتال ۾ موجود مريضن کان اسپتال ۾ موجود طبي سهولتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 10

اڳ منهنجي شادي شاهد سولنگي سان ٿي هئي 8 مهينا اڳ جڙيل ڳاهو مون کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح مٿان نڪاح ڪيو ۽ مون سان جنسي زيادتي پڻ ڪئي جتي جنگل ڳاهو امين. اميد علي ڳاهو مارڪٽ ڪندا هئا جتان ٻه ڏينهن اڳ مان وڇ وٺي نڪري پنهنجي ماءُ جي گهر آئي آهيان هن ٻڌايو ته جڙيل ڳاهو وارن منهنجي پائرن مٿان اغوا ۽ سون چوري جو ڪيس ڪيو آهي سو سراسر ڪوڙو آهي مان پيرين اگهاڙي سنڌن گهران نڪتي آهيان هن وس وارن ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي منهنجي پائرن تان ڪوڙو ڪيس ختم ڪري مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

لڳائي وئي، جنهن ۾ پکڙجندڙ خطرناڪ بيمارين ۾ مليريا، ڊائريا، گيسٽرو، ڊينگي ۽ اسڪين جي بيمارين جو علاج ڪيو ويو اوچتو پکڙجندڙ بيمارين سبب پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ ٺٽو جي چيئرمين حاجي حنيف ميمڻ سڄي ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪيمپون ۽ موبائل ميڊيڪل ڪيمپون لڳائڻ جو عمل جاري آهي هن وقت تائين 15 هزار کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي. گوٺ نوحاڻي ۾ لڳل طبي ڪيمپ ۾ 300 جي لڳ ڀڳ مريض جڏهن ته طبي ڪيمپ جي انچارج ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، اڳرٺو سول سرجن. سول اسپتال ٺٽو ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، ۽ گهارو ٻڌايو ته مريضن ۾ وڌو انگ نزلي - بخار - زڪام ۽ کنگ جي بيماري سميت چمڙي جي بيماري جي مريضن جو شامل آهي جن جو علاج ڪيو آهي ويو آهي انهن کي دوائن پڻ مفت مهيا ڪيون ويون آهن حاجي حنيف ميمڻ مطابق ٻوڏ متاثر ماڻهن ۾ گرم ڪپڙا، جيڪٽون، ڪمبل سميت ٻارن ۾ اسڪول جو سامان پڻ ورهايو ويو آهي

بقايا سنڌيار 12

روپيه قسط جاري ٿيندي ٿي ڊوائيس هولڊرن پنهنجو ڊوائيسون بند ڪري فنگر نه لڳڻ ۽ سسٽم بزي هجڻ جو بهانو ڄاڻائي مستحق عورتن کي پريشان ڪيو پيو وڃي، روزانو ٻهراڙين ۽ شهر کان آيل عورتون صبح کان وٺي شام تائين دڪانن اڳيان معصوم ٻارڙن سان گڏ تذليل جو شڪار ٿين ٿيون. قسط کي جاري ٿيندي هڪ هفتيو کان مٿي ڏينهن گذري ويا آهن پر اڃا تائين عورتون پنهنجي رقم وصول ڪرڻ لاءِ دربدر ۽ ٺوڪرون کائڻ تي مجبور آهن ۽ قسط مان ڪٽوتي جو سلسلو به رڪجي نه سگهيو آهي، جڏهن ته ضلع انتظاميه پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن هتان جي ساڃاهه وند ماڻهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن کان مطالبو ڪندي چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ رقم جي ڪٽوتي ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي سجاول ۾ قائم اومني سينٽرز تي ايجنٽ مافيا خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي غريب ۽ مسڪين عورتن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ رقم مان ڪٽوتي ڪندڙن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي BISP سان لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٽيم کي فوري سجاول ۾ قائم اومني سينٽرز جو وزٽ ڪري مسڪين ۽ غريب عورتن کي ريليف مهيا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

ماروي ٽيهو کي يو سي پهاڙ مري جي گرلس پرائمري اسڪول مقبول شاهه ۾ پوسٽنگ آرڊر ڏئي ڪيس گرلس پرائمري اسڪول علي اڪبر جمالي تان گرلس پرائمري اسڪول مقبول شاهه تي روانو ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺ ڪرم خان جمالي ۾ گرلس پرائمري اسڪول علي اڪبر جمالي ۾ ٽيچر نه هئڻ ڪري 50 کان وڌيڪ اسڪول جي شاگرديائين ۽ ڳوٺائن جو اسڪول ڪميٽي جي چيئرمين راشد علي جمالي، فتح خان جمالي ۽ عابد علي جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٽن سالن کان وٺي اسڪول بند پيو آهي. تعليم ڪاتي بدين جي آفيسرن نون ڀرتي ٿيل ٽيچرن مان هڪ ٽيچر کي صرف هڪ هفتي لاءِ اسان جي ڳوٺ جي اسڪول تي رکي ان کي گرلس اسڪول مقبول شاهه تي موڪلي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته اسان اهڙي دانهن ڊي اي او بدين محمد صالح ڪوريجو کي ڏني پر هن ان ٻڌي ڪري ڇڏي. ڳوٺائن سنڌ جي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته اسان جي اسڪول تي ٽيچر مقرر ڪري معصوم نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي.

بقايا سنڌيار 14

وڏيرو رسول بخش جاکرو پريس ڪلب مڪلي پهچي پارٽي اڳواڻن ۽ تڪ جي عوام جو ٿورو مڃيندي چيو آهي ته مٿس جيڪو پارٽي جي قيادت ۽ تڪ جي عوام اعتماد ڪري ذميواري سونپي آهي، ان کي بهتر طريقي سان ادا ڪري تڪ جي عوام جا مسئلا اڳ کان به وڌيڪ حل ڪرائي سندن بنا فرق جي خدمت واري عمل کي جاري رکندو، وڏيرو رسول بخش جاکرو چيو ته سنڌ اندر بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ سنڌ جي 16 ضلعن ۾ پ پ پ جي اميدوارن وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي آهي. هن چيو ته پ پ عوامي پارٽي آهي، جيڪا عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل اهي، وڏيرو رسول بخش جاکرو چيو ته کين به جيڪا ذميواري سونپي وئي اهي، ان کي بهتر طريقي سان نڀائي عوام جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪنداسين. ان موقعي تي پريس ڪلب مڪلي جي صحافين پاران يوسي چليا تان ڪامياب ٿيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر آل جاکرا ايسوسيئشن جي مرڪزي چيئرمين وڏيرو رسول بخش جاکرو کي پريس ڪلب مڪلي پهچڻ تي ڪيس سنڌس ڪاميابي تي مبارڪون ڏيئي ڪيس اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي پريس ڪلب مڪلي جو صدر احمد خان خشڪ، اڪبر دلواڻي، سيد گل شاهه، محمد ايوب ملاح، ايم ايچ ڪنيار، سجاد علي، شهمير قريشي، واحد شورو، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، عبدالجبار سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 15

جيئن غذائي کوٽ کي پورو ڪري غريب ماڻهن جي غذائي ضرورتن ۽ انهن جي معاشي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن منصوبي ۾ صحت، زراعت، سماجي ڀلائي، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي به شامل ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ذميواريون پڻ ڏنيون ويون آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن دربار هال مڪلي ۾ غذائي کوٽ بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ کان علاوه صحت، تعليم، لوڪل گورنمينٽ، زراعت، سوشل ويلفيئر، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن سميت سرسو پي پي ايڇ آءِ، آغا خان، مرف، هينڊز ۽ ٻين مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ چيو ته صحتمند ۽ متحرڪ قوم ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿي، غذائي کوٽ جي ڪري ٻارن جي صحيح نشونما نٿي ٿئي ان ڪري قوم جي ننڍڙن ٻارن جي بهتر پرورش سميت انهن جي ترقيءَ لاءِ غذائي ضرورتن جو خاص خيال رکڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ مربوط حڪمت عملي ۽ مائيڪرو پلان تحت ضلعي جي ڳوٺن، خاص ڪري ساحلي ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غذائي کوٽ جو شڪار ماڻهن خاص ڪري حامله عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن جو گهر گهر سروي ڪرايو وڃي ته جيئن غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ سندن صحت کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته خاص طور تي ٻهراڙي جي ماڻهن جي هر قسم جي مدد ڪرڻي پوندي ته جيئن سندن معاشي حالت بهتر بڻائي کين پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي. هن اين آر ايس پي ۽ ٻين اين جي اوز جي سمورن نمائندن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجا سمورا منصوبا شروع ڪرڻ کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي شامل ڪن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري چيو ته ايفيليئٽيڊ ايڪسن پلان تحت ضلعي ۾ هلندڙ سمورن منصوبن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن مدد ۽ تعاون ڪيو ويندو ته جيئن هتان جي غريب عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. ان کان اڳ گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ پروگرام تحت هلندڙ مختلف منصوبن جي پيش رفت بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا سنڌيار 16

چادر چاڙهي دعا گهري جنهن کان پوءِ مڪاني چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوارن سان ملاقات ڪري کين ڪاميابي جي مبارڪ ڏني ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پ پ عوام جي خدمت ڪئي آهي اهڙي پرامن اليڪشن ڪڏهن به ناهي ٿي سيڪيورٽي ادارا ۽ عوام مبارڪ جو حقدار آهي ڪراچي ۾ اسان اڪثريت حاصل ڪئي آهي پر پوءِ به ٻي وڏي پارٽي جماعت اسلامي سان گڏجي ڪري ميئر آڻيداسين ان موقعي تي وڏي وزير چونڊجي آيل اميدوارن سان مخاطب ٿيندي چيو ته توهان کي عوام چونڊيو آهي سنڌ حڪومت توهان جو ڀرپور ساٿ ڏيندي ته جيئن عوام جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهجي

بقايا سنڌيار 17

هدايتن تي ۽ صحافي استاد علي شيرڏيهر جي سهڪار سان فرحان فلور مل سڏوجا طرفان غريبن ۽ ٻي پهچ ماڻهن لاءِ سستي اٽو جو اسٽال لڳايو ويو" سستي اٽي جي اسٽال تان غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن عزت ۽ آسانيءَ سان 65 روپيا ڪلو 650 روپين ۾ 10 ڪلواٽي جا ٻيگ خريد ڪيا، سستي اٽو خريد ڪندڙ ماڻهن چيو ته اسان شڪر گذار آهيون اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر ۽ فرحان فلور مل سڏوجا وارن جا جن اسان کي دروازي تي سستو ۽ معياري اٽو مليو؛ ان موقعي تي تپيدار منظور ڪورائي محمد يوسف راڻا طارق راجپوت صحافي استاد علي شيرڏيهر صحافي تيمور احمد راجپوت جانشير علي ڏيهر ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار 18

ڪندڙن کي پليڪار ڪريان ٿو هن چيو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي حضرت محمد رحمت العالمين آهن، ڪامران خان ٽيسوري چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي امت انشاءَ الله سرخرو ٿيندي، سنڌ جي گورنر چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم گمراهيءَ جا سمورا رستا ختم ڪري ڇڏيا، پير محمد حسان حسيب الرحمان چيو ته پياري آقا جي زندگي هڪ روشني آهي، هن چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو رستو حق ۽ باطل ۾ واضح فرق آهي، سندس چوڻ هو ته رسول الله جا حڪم مسلمانن لاءِ مڪمل ضابط حيات آهن، ڪانفرنس جي اختتام تي ملڪ، قوم جي ترقي، سلامتي ۽ خوشحالي خاص دعائون گهريون ويون

بقايا سنڌيار 19

ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پر پي پي حڪمران کان اها ڪاميابي برداشت نه ٿي رهي آهي ۽ رات پيٽ ۾ نتيجا تبديل ڪيا پيا وڃن هنن چيو ته ڪراچي جي عوام چورن ۽ لٽيرن کي تاريخي شڪست ڏني آهي ان ڪري عوام دشمن قوتون پنهنجا حربا هلائي عوام جي فيصلي کي تبديل ڪرڻ چاهين ٿا پر حافظ سعيد کي ڪراچي جو ميئر ٿيڻ کان ڪير به روڪي نه سگهندو هنن چيو ته جن ماڻهن ڪراچي کي تباهه ڪيو آهي ڪراچي کي روشنين ۽ امن جو شهر ڏسڻ نٿا چاهين

بقايا سنڌيار 20

ڏڙي ۾ مڪاني چونڊن ۾ ٽائون ڪميٽي جي وارڊ 2 تي ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ دوران پ پ اميدوار ارباب ذڪريا ميمڻ 288 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو آهي جڏهن ته سندس سامهون بيٺل آزاد اميدوار خان محمد ڪانڌڙو 275 ووٽ کڻي 13 ووٽن تان هارائي ويو آهي ان کان اڳ غيرحتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب آزاد اميدوار خان محمد ڪانڌڙو 314 ووٽ کڻي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو هوڏانهن آزاد اميدوار خان محمد ڪانڌڙو چونڊ نتيجن کي رد ڪندي پ پ اميدوار ارباب ذڪريا ميمڻ جي ڪاميابي کي عدالت ۾ چيلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 21

لڪن ٿا عوام جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ٿا انهن جي گهرن کي به بخش نٿو ڪيو وڃي صحافي بلال آرائين ميڊيا کي ٻڌايو ته رات اسان پنهنجي گهر ستل هئاسين ته ست هٿيار بند گهر ۾ گهڙي اسان تي تشدد ڪري هڪ ڪمري ۾ بند ڪري لکين رپين جو ڌاڙو هنيو آهي ٻئي پاسي واقعي واري جاءِ تي ڊي ايس پي نوشهروفيروز يارمحمد رند پهچي واقعي جا تفصيل ورتا، يار محمد رند چيو ته تمام افسوس ٿيو آهي جو ايڏو وڏو واقعو ٿيو آهي اسان پوليس ٽيم جوڙي آهي جيڪا صحافي بلال آرائين جي ڏوهه جي تفتيش ڪندا ۽ جوابدارن کي بخش نه ڪيو ويندو،ضلعي نوشهروفيروز جي پوليس اليڪشن جي حوالي سان ڪراچي نڪتل هئي ۽ نفري گهٽ هجڻ ڪري هيڏو وڏو واقعو پيش آيو آهي،

بقايا سنڌيار 22

عهديدار چونڊيا ويا صدر ميثم عباس ملاح نائب صدر فراز علي رند جنرل سيڪريٽري عاصم علي سولنگي ڊپٽي سيڪريٽري اظهر علي ٿهيم رابطه سيڪريٽري دانيال رضا ملاح تعليم سيڪريٽري راجا حسين سولنگي نشرواشاعت سيڪريٽري مصطفیٰ ڪاظم بلوچ ماليات سيڪريٽري رضوان حيدر پٽو کي چونڊيو ويو

بقايا سنڌيار 23

ان موقعي ايندڙ ويندڙ مسافرن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪافي عرصي کان پوءِ تعمير ٿيندڙ وارهه کان جوڻائي ويندڙ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار آهي ان کان علاوه ٺيل ڪم ۾ به ناقص مٽيريل استعمال ٿيل آهي مٿن جو سفر ڪلاڪن ۾ پيو گذري هنن ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو نيب اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي نااهل ٺيڪيدار خلاف ڪاروائي ڪري روڊ جو بند ٿيل ڪم شروع ڪرائي آسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 24

اسٽاپ ڪنيار واڙو کان مين بس اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ٺٽو غلام الله روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي،ان موقعي تي محمد علي رند قاسم ملاح اقبال رند ۽ ٻين چيو ته ڊي سي ٺٽو جي اعلان 75 روپيه اٽو ڪرڻ باوجود به ملز مالڪ واپاري پنهنجي هوڏ تي قائم آهن غريب مسڪين ماڻهو سخت پريشاني جي ور چڙهيل آهن پنج روپيا ڏهاڙي ڪمائڻ وارو مزدور به سخت پريشان آهن غريب مسڪين ماڻهو فاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن غلام الله ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ملز مالڪن ۽ واپارين هڪ صلاح ٿي هن وقت اٽو 140 کان 160 روپيه وڪرو ڪري رهيا آهن اهو سراسر ظلم آهي، هنن چيو ته ساڪرو، ٻهارا ، ور ۽ انهن جي آس پاس علائقن ۾ اٽو 95 روپيه وڪرو ٿي رهيو آهي پر اسان جي شهر غلام الله ۾ اهو اٽو 140 کان 160 روپيه وڪرو ٿئي پيو اسان سنڌ حڪومت ، ضلعي انتظاميا ٿو، کي اپيل ٿا ڪريون ته خدارا اسان جي شهر غلام الله جي ملز مالڪن واپارين خلاف قانوني قدم کنيو وڃي ۽ اسان کي سستي اٽي جو پيڪيج ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ڊي سي ٺٽو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 25

سيد صلاح الدين احمد (ڪي فور) پراجيڪٽ انتظاميا پاران منصوبي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ کنيل قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيئرمين واپڊا ليفٽيننٽ جنرل سجاد غني (رٽائرڊ) کي مڪمل يقين ڏياريو ته ڪراچي جي شهرين کي پاڻي جي وڌيڪ بهتر فراهمي لاءِ (ڪي فور) سميت ٻين جاري منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا، هن چيو ته (ڪي فور) منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ واپڊا سان مڪمل تعاون ۽ سهڪار ڪيو ويندو، هن جو وڌيڪ چوڻ هو اميد آهي ته چيئرمين واپڊ ليفٽيننٽ جنرل سجاد غني (رٽائرڊ) جي اڳواڻي ۾ واپڊا (ڪي فور) منصوبي کي پنهنجي صلاحيتن ۽ مهارت سان مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو ويندو. اجلاس دوران چيئرمين واپڊا ليفٽيننٽ جنرل سجاد غني (رٽائرڊ) پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته واٽر بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪري (ڪي فور) منصوبي کي جلد از جلد مڪمل ڪيو ويندو، هن چيو ته (ڪي فور) منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي، انڪري ان جي تڪميل لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا پيا وڃن، انشاءَ الله (ڪي فور) منصوبو پنهنجي مقرر وقت تي مڪمل ٿيندو، هن سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته واٽر بورڊ انتظاميا شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي بهتري لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي اهي قابل تعريف آهن. واضح رهي ته (ڪي فور) منصوبو ڪينجهر ڍنڍ درياهه سنڌ مان ڪراچي کي روزانو 650 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. جڏهن ته (ڪي فور) منصوبي جي پهرين مرحلي جي مڪمل ٿيڻ سان ڪراچي شهر کي روزانو 260 ملين گيلن پاڻي فراهم ٿيندو. وفاقي حڪومت پاران هن منصوبي جي پهرين مرحلي کي تعمير ڪرڻ جي ذميواري واپڊا کي ڏني وئي آهي.

بقايا سنڌيار 26

سندن نماز جنازه ۾ بدين سميت سموري سنڌ مان درگاهه عاليه لواري شريف جي مريدن ۽ عقيدت مندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف درگاهه عاليه لواري شريف جي سجاده نشين حضرت پير محمد صادق قريشي بي بي بلقيس صاحبه جي وفات تي سندس پونئرن ۽ سندس مريدن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ڪندي چيو آهي ته ا انهن جي خاندان ۽ مريدن کي صبر عطا فرمائي ۽ اسان هن ڏک جي گهڙي ۾ انهن سان گڏ آهيون

بقايا سنڌيار 27

چونڊن جا نتيجا سامهون اچي ويا آهن سامهون ايندڙ نتيجن مطابق ڪراچي ۾ ٽوٽل 246 چيئرمين وائيس چيئرمين جي چونڊ مان اليڪشن ڪميشن طرفان 235 اميدوارن جا چونڊ نتيجا پڌرا ڪيا ويا آهن جنهن مطابق پيپلزپارٽي طرفان 93 سيٽون حاصل ڪري پهرين پوزيشن حاصل ڪئي جڏهن ته جماعت اسلامي 86 سيٽون کڻي ٻئين نمبر تي آهي جڏهن ته پي ٽي آءِ 40 سيٽون کڻي ٽئين نمبر تي پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي انهيءَ کان علاوه پاڪستان مسلم ليگ ن جا 7، يو آءِ 3 تحريڪ لبيڪ پاڪستان 2 ايم ڪيو ايم حقيقي 1 ۽ ٽن سيٽن تي آزاد اميدوارن ڪامياب حاصل ڪري ورتي آهي مجموعي طور تي پيپلزپارٽي کي سرسي حاصل آهي جڏهن ته ٻئي نمبر تي جماعت اسلامي جي پوزيشن آهي تنهن جي باوجود ٻنهي جماعتن کي ڪراچي جو ميئر آڻڻ لاءِ سخت جوڙ توڙ ڪرڻي پوندي اتحاد کان سواءِ پيپلزپارٽي توڙي جماعت اسلامي لاءِ پنهنجو ميئر آڻڻ ناممڪن بڻجي ويو آهي اهڙي صورتحال بعد پيپلزپارٽي توڙي جماعت اسلامي طرفان مختلف چونڊيل نمائندن سان جوڙ توڙ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي سامهون آيل پوزيشن کي مدي نظر رکندي اهو واضح ٿئي ٿو ته جيڪڏهن جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ پاڻ ۾ الحاق ڪن ته 193 سيٽون ٿين پيون جڏهن ته پيپلزپارٽي، ن ليگ، جي يو آءِ آزاد اميدوار توڙي ٽي ايل پي سان الحاق ڪري ٿي تڏهن به 160 سيٽون ٿين پيون

بقايا سنڌيار 28

ڪيل سستي اٽي جي اسٽال جو دورو ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو وقار ملوڪ پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي ۾ اٽي جي ڪا به کوٽ ناهي. مهانگائي جي هن دور ۾ خوراڪ کاتي پاران شهرين کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ هڪ سٺو قدم آهي. ضلعي جي عوام کي سهولتن کان آگاهه ڪرڻ لاءِ ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳايا پيا وڃن. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڏهه ڪلواٽي جو ٿيلهو 650 روپين ۾ فراهم ڪيو پيو وڃي، ضلعي انتظاميا ڪوشش ڪري رهي آهي ته اٽي جي فراهمي جا وڌيڪ مرڪز قائم ڪيا وڃن ته جيئن عوام کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

بقايا سنڌيار 29

پنهنجي خطاب ۾ ڊپٽي ڪمشنر جو ڌيان عوام جي مسئلن ڏانهن ڏياريو ۽ چيو ته هن وقت اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي ۽ عوام پريشان آهي، عوام ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي جڏهن ته فلور ملز انتظاميه ناقص اٽو فراهم ڪري رهي آهي جيڪو اٽو ان وقت ڊي سي سانگهڙ کي پڻ ڊيکاريو ويو ڊپٽي ڪمشنر پاران ٻوڏ ۽ اٽي جي بحران تي ضابطو آڻڻ بابت تفصيلي آگاهي ڏني ڊپٽي ڪمشنر محمد اسحاق پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڄ مون کي ڪيترن ئي مسئلن کان آگاهه ڪيو ويو آهي هتي اچڻ مان ڪيترن ئي مسئلن کان چڱيءَ طرح واقف ٿيو آهيان، مان ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. ميڊيا جڏهن مثبت تنقيد ڪري ٿي ته مون کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي اسان وٽ وسيلا گهٽ ۽ مسئلا وڌيڪ هوندا آهن جيئن ٻوڏ ۽ اٽي جو بحران، هن چيو ته ٻين ڊپٽي ڪمشنرن اٽي جا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن پر مان اڃا ائين نه ڪري سگهيو آهيان ڏينهن رات منهنجي ٽيم ڪوششون ڪري رهي آهي ضلعي انتظاميه انشاءالله عوام سان ڀرپور تعاون ڪندي رهندي، هن چيو ته ڪلبن جي مسئلن ۽ وسيلن جي حل لاءِ مون کي نيشنل پريس ڪلب ۾ اچي بيحد خوشي ٿي آهي سانگهڙ ۾ تمام جلد ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي جو ڪم به تيزي سان جاري آهي، ان موقعي تي ميمبرن ڊپٽي ڪمشنر جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 30

ڪيو هي ڪنهن خريد ٿيل غلام ن آهن اسان جي اعلان ڪيل ترقياتي ڪمن تي تمام جلد ڪم شروع ٿي ويندو اسان جي ڪوشش هوندي اسان جيڪي واعده اليڪشن ۾ ڪيا آهن انهن کي پورا ڪنداسين پليجاڻي ۾ فخرالزمان جي ڏنل ڪمن جو چار وڃايو ويندو هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ت اسان قبلا مخدوم رفيق الزمان ۽ مخدوم فخرالزمان جا شڪر گذار آهيون جو اسان جي ميمبر تي اهتماد ڪيو اسان هن اهتماد کي سچ ڪري ڏيکاريو پليجاڻي جي عوام مخدوم فخر الزمان سان ڪيتري محبت ڪري ٿي عوام تي تيا هٽي سندس اميدوارن وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو ارشد سو هو جي ڪاميابي تي مبارڪ ڏيندڙن علائقي جي معزز شخصيتن ۾ محمد حنيف جمالي محمد اسماعيل لاکو غلام علي لاکو فيصل خاصخيلي شاهه محمد پنهور بچل پنهور راحيل سوهو عبدالجبار زرداري اسد سوهو شعيب سوهو سيد احمد شاهه شاهرخ پاٽي گلڻ پاٽيءَ وڏي تعداد ۾ عوام جو سلسلو جاري رهيو

بقايا سنڌيار 31

صدر رامجي ڪولهي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي نائب صدر مهراڻ درس سومار هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جي اڳواڻ سريش ڪمار پيل مرتضا شام جيون ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو لطيف هاليپوٽو لڪمڻ ڪولهي جبار درس ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ پورهيت جي گهر ۾ پورهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هن ڪميشن پاس ڪري اردو ٻوليءَ جو ليڪچرار طور ڀرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ ڳجهارت بڻيل حادثي جو شڪار ٿي ڊاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو هڪ نا معلوم گاڏي چيپاٽي وئي پر اڄ تائين سنڌ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ ڪارائتي ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهي جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪرپشن جي ڪري سمورا انتظامي ادارا سمورا روڊ رستا تباهه حال بڻيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا ٽوٽي آبپاشي نظام ۽ پوليس ڪاتو ڪٿي نظر ئي نٿا اچن ڪڏهن سنڌ ٻوڏ وجهي ٿي ڪڏهن سنڌ کي سڪايو وڃي ٿو ڪڏهن سنڌ کي ورهائي دهشتگردن کي پليٽ ۾ رکي ڏنو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري سنڌ کي ورهائڻ لاءِ صوبا ڪميٽي ٺاهي وڃي ٿي ۽ سنڌ جا سمورا روڊ ته کوس گهر بڻيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظام يا قانون ناهي جو روڊن تي هي موت جو راڪاس روڪي سگهي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت عالمي قوتن ۽ سامراجي قوتن حوالي ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ساحلي پٽي سميت سنڌ جون زمينون وسيلا ۽ وڏا شهر غير ملڪين ۽ ڌارين حوالي ڪري سنڌ ۾ هڪ نئون اسرائيل ٺاهڻ جو پلان ناهيو ويو آهي جنهن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ سنڌي قوم کي منظم ٿي قومي جدوجهد جو حصو بڻجڻو پوندو انهي موقعي تي هنن وڌيڪ چيو ته ضلع بدين جي بار ڪائونسل به ريزوليشن پاس ڪري گهر ڪئي آهي ته بدين پوليس هن قتل جو قاتل ڳولهي پڌرو ڪري قانون جي حوالي ڪري انهي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪي ۾ گهر ڪئي وئي ته هن روڊ حادثي ۾ ملوث گاڏي جي ڊرائيور ۽ گاڏي کي پڪڙي ظاهر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوامي تحريڪ سڄي ضلع ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ۽ سمورا روڊ بند ڪيا ويندا ان دوران جيڪڏهن جيڪا به صورتحال پيدا ٿي ته ان جو ذميوار به ضلع بدين جي پوليس هوندي

بقايا سنڌيار 32

جيئن غذائي کوٽ کي پورو ڪري غريب ماڻهن جي غذائي ضرورتن ۽ انهن جي معاشي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن منصوبي ۾ صحت، زراعت، سماجي ڀلائي، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي به شامل ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ذميواريون پڻ ڏنيون ويون آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن دربار هال مڪلي ۾ غذائي کوٽ بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ کان علاوه صحت، تعليم، لوڪل گورنمينٽ، زراعت، سوشل ويلفيئر، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن سميت سرسو پي پي ايڇ آءِ، آغا خان، مرف، هينڊز ۽ ٻين مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ چيو ته صحتمند ۽ متحرڪ قوم ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿي، غذائي کوٽ جي ڪري ٻارن جي صحيح نشونما نٿي ٿئي ان ڪري قوم جي ننڍڙن ٻارن جي بهتر پرورش سميت انهن جي ترقيءَ لاءِ غذائي ضرورتن جو خاص خيال رکڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ مربوط حڪمت عملي ۽ مائيڪرو پلان تحت ضلعي جي ڳوٺن، خاص ڪري ساحلي ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غذائي کوٽ جو شڪار ماڻهن خاص ڪري حامله عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن جو گهر گهر سروي ڪرايو وڃي ته جيئن غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ سندن صحت کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته خاص طور تي ٻهراڙي جي ماڻهن جي هر قسم جي مدد ڪرڻي پوندي ته جيئن سندن معاشي حالت بهتر بڻائي کين پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي. هن اين آر ايس پي ۽ ٻين اين جي اوز جي سمورن نمائندن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجا سمورا منصوبا شروع ڪرڻ کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي شامل ڪن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري چيو ته ايفيليئٽيڊ ايڪسن پلان تحت ضلعي ۾ هلندڙ سمورن منصوبن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن مدد ۽ تعاون ڪيو ويندو ته جيئن هتان جي غريب عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. ان کان اڳ گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ پروگرام تحت هلندڙ مختلف منصوبن جي پيش رفت بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا سنڌيار 33

پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سماجي ڪارڪن نوجوان ساجد شيخ، سرفراز احمد، ساجد نبي، حيان خليل، جو چوڻ هو ته ڊي بلڊ هيروز ٺٽو کي ڊي بلڊ هيروز جي سالاني تقريب ۾ بيسٽ ايڪٽو ٽيم جي ايوارڊ سان نوازيو ويو ٺٽي جي ٽيم هر سال ٿيليسيميا جي مريضن لاءِ هڪ ڪيمپ آرگنائز ڪندي آهي ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت گڏ ڪندي آهي جيڪو هڪ بهترين ۽ انسان دوست عمل آهي، ڊي بلڊ هيروز پاران هڪ ملڪ گير سالياني اجلاس پشاور ۾ منعقد ڪيو ويو خاص طور تي ضلعي ٺٽي ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ ۽ ايوارڊ حاصل ڪرڻ تي ٺٽي جي شهرين انهن نوجوانن لاءِ هڪ اعزاز ۽ اتساهه آهي جيڪي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار آهن ٺٽي جي نوجوانن کي گهرجي ته

دادو ۾ سستي اٽي جو اسٽال فوڊ انسپيڪٽر جي نگراني ۾ لڳايو ويو

ضلعي اندر سستي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي: ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر

شهرين کي 65 روپيه في ڪلو جي حساب سان 650 روپيه 10 ڪلو جو پاڪيٽ ڏنو پيو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر شهزاد شاهاڻي جي ڪوشش سان اڄ 6 ڏينهن به شهر ۾ سستي اٽي جو اسٽال فوڊ انسپيڪٽر سليم مڪسي جي نگراني ۾ لڳايو ويو ۽ شهرين کي سستو اٽو فراهم ڪيو ويو ان موقعي تي فوڊ انسپيڪٽر سليم مڪسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اٽو غريبن جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويو آهي اهڙي صورتحال بعد حڪومت سنڌ ، وزير اعليٰ سنڌ، صوبائي وزير خوراڪ، سيڪريٽري خوراڪ جي هدايتن تي روزانو جي بنياد تي اسٽال قائم ڪري دادو ضلعي اندر سستي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي. شهرين کي 65 روپيه في ڪلو جي حساب سان 650 روپيه 10 ڪلو جو پاڪيٽ ڏنو پيو وڃي ته جيئن غريب ماڻهون ان سستي اٽي جي اسٽال مان فائدو حاصل ڪري سگهن هجوم سبب دادو رولر فلور مل ۾ اسٽال لڳايو آهي ايس ايس پي کي گذارش ڪئي ته سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهن جي هجو

انشاءَ الله عوام جي خدمت ڪري سندن قرض لاهينداسين: پير دانش علي

مونکي وارڊ عوام مڪاني چونڊن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊي ڪامياب ڪيو آهي

بينظير ڀٽو ۽ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو سچو پيرو ڪار قرار ڏنو آهي

دادو(رپورٽ:سرور جلال سولنگي) پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ پير دانش علي دادو جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو آهي ته مون کي وارڊ 13 جي عوام دادو جي مڪاني چونڊن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊي ڪامياب ڪيو آهي هن هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجي محبت ۽ وفاداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ بابا سائين پير مظهر الحق ۽ ڀاءُ ايم پي اي پير مجيب الحق کي شهيد راڻي بينظير ڀٽو ۽ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو سچو پيروڪار قرار ڏنو آهي.انشاءَ الله وارڊ جي عوام جي خدمت ڪري سندن قرض لاهيندس.

ملڪ ۾ سماجي ڪمن ۾ اڳڀرو ٿي ٺٽي جو نالو روشن ڪن ڊي بلڊ هيروز ٺٽي جي ٽيم ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جو پڻ ٿورو مڃيو انهي موقعي تي ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جو باني حيدر جويو. صدر ممتاز سميجو. سابق صدر جاويد ميمڻ. خزانچي حقنواز شيخ ۽ صحافي عزير پٽو پڻ موجود هيا تقريب ۾ پريس ڪلب جي ميمبرن پاران ڊي بلڊ هيروز جي اڳواڻن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 34

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، سالگرهه تقريب کي استاد بخاري جي فرزند ڊاڪٽر سيدالطاف شاهه بخاري، پرو وائيس چانسلر لاڙڪاڻو سيد اظهر علي شاهه ، ڪائونسلر سيد امير شاهه ،سينئر صحافي گلڻ پنڊ،پريس ڪلب دادو جي صدر صابر پنڊ، سرور جلال سولنگي، سيد تابش بخاري، عمران سومرو، لالا ستار قريشي، ديدار شيخ، آصف سومرو ،محمد بخش ڪورائي، راجا رفيق پنهور ۽ ٻين چيو ته اڄ سنڌ جي سدا بهار عوامي قومي شاعر استاد بخاري جي 93 سالگرهه آهي اڄ هن تقريب ۾ شامل ٿي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ڇاڪاڻ جو استاد سڄي زندگي سنڌ ڌرتي لاءِ گيت ۽ شعر لکيا آهن استاد بخاري سنڌ ۽ ادب جي تاريخ جو سهڻو باب آهي جيڪو هميشه پڙهيو ويندو هي پنهنجي نالي وانگر شاعري ۾ استاد هيو اڄ سندس ڪافي شاگرد سنڌ جا بهترين شاعر ۽ فنڪار آهن،استاد اڄ به اسان ۾ توهان ۾ موجود آهي جيڪو پولي پيو ٿو استاد پورهيت طبقي ۽ سنڌ جي سونهن تي تمام گهڻو لکيو آهي، مڪاني چونڊن سبب سالگره تقريب دير سان ڪرڻي پئي پر شهرين ۽ سنڌ استاد جي سالگره کي تمام گهڻو ياد ڪيو آهي،دادو پريس ڪلب پهچي قومي هيرو کي ياد ڪري تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائي پئي ٿي،جڏهن ته استاد بخاري جي سالگرِ تقريب ۾ دادو جي مقامي فنڪارن ٻالڪ سنڌي،حبدار سخيراڻي،سجاد سولنگي،مصطفیٰ بروهي، گل لطيف، گل مهراڻ سخيراڻي،احسن سخيراڻي ۽ ٻين استاد بخاري جا ڪلام ڳائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

بقايا سنڌيار 35

جيئن غذائي کوٽ کي پورو ڪري غريب ماڻهن جي غذائي ضرورتن ۽ انهن جي معاشي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن منصوبي ۾ صحت، زراعت، سماجي ڀلائي، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي به شامل ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ذميواريون پڻ ڏنيون ويون آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن دربار هال مڪلي ۾ غذائي کوٽ بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ کان علاوه صحت، تعليم، لوڪل گورنمينٽ، زراعت، سوشل ويلفيئر، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن سميت سرسو پي پي ايڇ آءِ، آغا خان، مرف، هينڊز ۽ ٻين مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ چيو ته صحتمند ۽ متحرڪ قوم ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿي، غذائي کوٽ جي ڪري ٻارن جي صحيح نشونما نٿي ٿئي ان ڪري قوم جي ننڍڙن ٻارن جي بهتر پرورش سميت انهن جي ترقيءَ لاءِ غذائي ضرورتن جو خاص خيال رکڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ مربوط حڪمت عملي ۽ مائيڪرو پلان تحت ضلعي جي ڳوٺن، خاص ڪري ساحلي ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غذائي کوٽ جو شڪار ماڻهن خاص ڪري حامله عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن جو گهر گهر سروي ڪرايو وڃي ته جيئن غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ سندن صحت کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته خاص طور تي ٻهراڙي جي ماڻهن جي هر قسم جي مدد ڪرڻي پوندي ته جيئن سندن معاشي حالت بهتر بڻائي کين پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي. هن اين آر ايس پي ۽ ٻين اين جي اوز جي سمورن نمائندن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجا سمورا منصوبا شروع ڪرڻ کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي شامل ڪن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري چيو ته ايفيليئٽيڊ ايڪسن پلان تحت ضلعي ۾ هلندڙ سمورن منصوبن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن مدد ۽ تعاون ڪيو ويندو ته جيئن هتان جي غريب عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. ان کان اڳ گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ پروگرام تحت هلندڙ مختلف منصوبن جي پيش رفت بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا سنڌيار 36

صدر رامجي ڪولهي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي نائب صدر مهراڻ درس سومار هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جي اڳواڻ سريش ڪمار پيل مرتضا شام جيون ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو لطيف هاليپوٽو لڪمڻ ڪولهي جبار درس ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ پورهيت جي گهر ۾ پورهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هن ڪميشن پاس ڪري اردو ٻوليءَ جو ليڪچرار طور ڀرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ ڳجهارت بڻيل حادثي جو شڪار ٿي ڊاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو هڪ نا معلوم گاڏي چيپاٽي وئي پر اڄ تائين سنڌ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ ڪارائتي ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهي جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪرپشن جي ڪري سمورا انتظامي ادارا سمورا روڊ رستا تباهه حال بڻيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا ٽوٽي آبپاشي نظام ۽ پوليس ڪاتو ڪٿي نظر ئي نٿا اچن ڪڏهن سنڌ ٻوڏ وجهي ٿي ڪڏهن سنڌ کي سڪايو وڃي ٿو ڪڏهن سنڌ کي ورهائي دهشتگردن کي پليٽ ۾ رکي ڏنو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري سنڌ کي ورهائڻ لاءِ صوبا ڪميٽي ٺاهي وڃي ٿي ۽ سنڌ جا سمورا روڊ ته کوس گهر بڻيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظام يا قانون ناهي جو روڊن تي هي موت جو راڪاس روڪي سگهي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت عالمي قوتن ۽ سامراجي قوتن حوالي ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ساحلي پٽي سميت سنڌ جون زمينون وسيلا ۽ وڏا شهر غير ملڪين ۽ ڌارين حوالي ڪري سنڌ ۾ هڪ نئون اسرائيل ٺاهڻ جو پلان ناهيو ويو آهي جنهن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ سنڌي قوم کي منظم ٿي قومي جدوجهد جو حصو بڻجڻو پوندو انهي موقعي تي هنن وڌيڪ چيو ته ضلع بدين جي بار ڪائونسل به ريزوليشن پاس ڪري گهر ڪئي آهي ته بدين پوليس هن قتل جو قاتل ڳولهي پڌرو ڪري قانون جي حوالي ڪري انهي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪي ۾ گهر ڪئي وئي ته هن روڊ حادثي ۾ ملوث گاڏي جي ڊرائيور ۽ گاڏي کي پڪڙي ظاهر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوامي تحريڪ سڄي ضلع ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ۽ سمورا روڊ بند ڪيا ويندا ان دوران جيڪڏهن جيڪا به صورتحال پيدا ٿي ته ان جو ذميوار به ضلع بدين جي پوليس هوندي

بقايا سنڌيار 37

روپيه قسط جاري ٿيندي ٿي ڊوائيس هولڊرن پنهنجو ڊوائيسون بند ڪري فنگر نه لڳڻ ۽ سسٽم بزي هجڻ جو بهانو ڄاڻائي مستحق عورتن کي پريشان ڪيو پيو وڃي، روزانو ٻهراڙين ۽ شهر کان آيل عورتون صبح کان وٺي شام تائين دڪانن اڳيان معصوم ٻارڙن سان گڏ تذليل جو شڪار ٿين ٿيون. قسط کي جاري ٿيندي هڪ هفتيو کان مٿي ڏينهن گذري ويا آهن پر اڃا تائين عورتون پنهنجي رقم وصول ڪرڻ لاءِ دربدر ۽ ٺوڪرون کائڻ تي مجبور آهن ۽ قسط مان ڪٽوتي جو سلسلو به رڪجي نه سگهيو آهي، جڏهن ته ضلع انتظاميه پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن هتان جي ساڃاهه وند ماڻهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن کان مطالبو ڪندي چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ رقم جي ڪٽوتي ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي سجاول ۾ قائم اومني سينٽرز تي ايجنٽ مافيا خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي غريب ۽ مسڪين عورتن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ملندڙ رقم مان ڪٽوتي ڪندڙن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي BISP سان لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٽيم کي فوري سجاول ۾ قائم اومني سينٽرز جو وزٽ ڪري مسڪين ۽ غريب عورتن کي ريليف مهيا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 38

جيئن غذائي کوٽ کي پورو ڪري غريب ماڻهن جي غذائي ضرورتن ۽ انهن جي معاشي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن منصوبي ۾ صحت، زراعت، سماجي ڀلائي، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، تعليم، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي به شامل ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ذميواريون پڻ ڏنيون ويون آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن دربار هال مڪلي ۾ غذائي کوٽ بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ کان علاوه صحت، تعليم، لوڪل گورنمينٽ، زراعت، سوشل ويلفيئر، فشريز، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن سميت سرسو پي پي ايڇ آءِ، آغا خان، مرف، هينڊز ۽ ٻين مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پراونشل ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن رضوان ميمڻ چيو ته صحتمند ۽ متحرڪ قوم ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿي، غذائي کوٽ جي ڪري ٻارن جي صحيح نشونما نٿي ٿئي ان ڪري قوم جي ننڍڙن ٻارن جي بهتر پرورش سميت انهن جي ترقيءَ لاءِ غذائي ضرورتن جو خاص خيال رکڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ مربوط حڪمت عملي ۽ مائيڪرو پلان تحت ضلعي جي ڳوٺن، خاص ڪري ساحلي ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غذائي کوٽ جو شڪار ماڻهن خاص ڪري حامله عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن جو گهر گهر سروي ڪرايو وڃي ته جيئن غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ سندن صحت کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته خاص طور تي ٻهراڙي جي ماڻهن جي هر قسم جي مدد ڪرڻي پوندي ته جيئن سندن معاشي حالت بهتر بڻائي کين پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي. هن اين آر ايس پي ۽ ٻين اين جي اوز جي سمورن نمائندن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجا سمورا منصوبا شروع ڪرڻ کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي شامل ڪن. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري چيو ته ايفيليئٽيڊ ايڪسن پلان تحت ضلعي ۾ هلندڙ سمورن منصوبن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن مدد ۽ تعاون ڪيو ويندو ته جيئن هتان جي غريب عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. ان کان اڳ گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي پروگرام مئنيجر اين آر ايس پي مير محمد بلوچ پروگرام تحت هلندڙ مختلف منصوبن جي پيش رفت بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.